ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 03 مئي 2026ع 15 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (258)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪا ايران جنگ جو مقصد مڪمل ڪرڻ کان سواءِ پوئتي نه هٽندو: آمريڪي صدر ٽرمپ

آمريڪا هن ڀيري ايران کي "ڪم مڪمل ڪرڻ کان سواءِ" نه ڇڏيندو ته جيئن ان کي ڪجهه سالن ۾ ٻيهر ايران سان ساڳئي قسم جي بحران کي منهن نه ڏيڻو پوي

جيڪڏهن آمريڪا ايران جنگ مان تمام جلدي پوئتي هٽي وڃي ته ساڳيو مسئلو ٽن سالن ۾ ٻيهر پيدا ٿي سگهي ٿو، هن ڀيري، هڪ مڪمل ۽ پائيدار حل ضروري آهي

آمريڪا ايران جنگ کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جنگ لاءِ ڪنهن به عارضي معاهدي يا حڪمت عملي کي قبول نه ڪندو، مختلف آپشنز تي غور هيٺ آهن

صدر ٽرمپ بار بار ايران ۾ نئين قيادت اڳ جو عزم، ظاهر ڪيو، سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي جي قيادت کي آمريڪا لاءِ خطرو قرار ڏنو، جيڪو جنگ جي شروعاتي ڏينهن تي اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو

صدر ڊونلڊ ٽرمپ واضح ڪيو آهي ته آمريڪا ايران سان جاري جنگ کان تمام جلدي پوئتي نه هٽندو ڇو ته اهڙي ڪرڻ سان مسئلو ٻيهر اڀري سگهي ٿو. بين الاقوامي خبر رساں اداري رائٽرز موجب، صدر ٽرمپ وڏيڪ چيو ته آمريڪا هن ڀيري ايران کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ايراني پاسداران انقلاب آمريڪا سان نئين ڇڪتاڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو

ايراني فوج دشمن طرفان ڪنهن به مهم جو جواب ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي: نائب سربراهه خاتم الانبيا فورس

حالتون، واقعا ۽ شاهديون ٻڌائين ٿيون ته آمريڪا سان ٻيهر ڇڪتاڻ شروع ٿي سگهي ٿي: سردار اسدي جو بيان

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پاسداران انقلاب آمريڪا سان نئين ڇڪتاڻ جو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ بمن کي ناڪارا بڻائڻ دوران ڌماڪي، پاسداران انقلاب جا 14 اهلڪار شهيد

زنجان صوبي ۾ بارودي سرنگهن ۽ نه ڦاٽندڙ گولي بارود کي ناڪارا بڻائڻ جي آپريشن دوران ڌماڪو ٿيو

هيل تائين 15 هزار کان وڌيڪ اهڙن بمن کي ناڪارا بڻائي ڇڪا هئا پر هڪ مشن دوران ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڪيئي اهلڪار شهيد ٿيا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران ۾ بمن کي ناڪارا بڻائڻ دوران ڌماڪي ۾ پاسداران انقلاب جا 14 اهلڪار شهيد ٿي ويا. ايراني

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



فيصل آباد: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناالله ڪانووڪيشن ۾ ڊگريون ورهائي رهيو آهي

عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر فورم تي ڀرپور آواز اٿاريو ويندو: سردار عبدالرحيم

صوبي ۾ منشيات جو وڌندڙ رجحان نوجوان نسل لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪو آهي

تعليمي ادارن کان وٺي گهٽي محلن تائين کلي عام منشيات وڪرو ٿي رهي آهي

ته ڪراچي شهر کي نظرانداز ڪري ان جي وسيلن کي بي دردي سان لوٽيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته عوام جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايف آءِ اي جي وڏي ڪارروائي، غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج نيٽ ورڪ بي نقاب، ٽي جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ترجمان موجب ڪراچي ۾ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج نيٽ ورڪ خلاف وڏي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي لائن لاسز ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ ۽ بجلي چوري خلاف سخت قدمن جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ توانائي جي شعبي ۽ سڌارن جي حوالي سان اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ وزيراعظم کي گهريلو صارفين ۽ صنعت لاءِ بجلي جي قيمت جي حوالي سان سفارشون پيش ڪيون ويون

توانائي جي شعبي ۾ سڌارا عوام ۽ صنعت جي وسيع تر مفاد کي نظر ۾ رکي ڪانسواءِ ٺٽا ڪري سگهجن: وزيراعظم

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني حج پاڌيئڙن لاءِ 35 جديد ڪلينڪس جي مرحليوار فعال ڪرڻ جو عمل شروع

مرڪزي ڪلينڪ ۾ 28 ٽيمون ۽ 7/24 ايمبوليئنس سروس يقيني بڻايون ويون آهن: ڊي جي حج

حج مشن اٿيس جي ويجهڙائين ۾ گنجائش جي ڪوٽ کي ختم ڪندي نئون ۽ وسيع مرڪزي ڪلينڪ فعال ڪيا ويا

مڪ مڪرم (اي پي پي) حج ڊائريڪٽر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مقدس هنڌن تي حج تياريون، منيٰ ۾ 45 هزار کان وڌيڪ خيما لڳايا ويا

وادي جي عارضي خيما وسندي ۾ 45 هزار کان وڌيڪ لڳايا ويا آهن: ڪمپني ترجمان

رياض (اي پي پي) ڪدانه ڊويليپمينٽ ڪمپني طرفان منيٰ وادي ۾ حج پاڌيئڙن جي رهائش لاءِ تيار ڪيل خيمن کي قطعي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني سفارتڪاري سان ايران آمريڪا ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آئي آهي: راڻا ثناءُ الله

عالمي امن جي قيام ۾ پاڪستان جو ڪردار واکاڻ جوڳو آهي، پوري دنيا اسان جو ڪردار ساراهي ٿي

وزيراعظم، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار مسلسل عالمي قيادت سان رابطي ۾ آهن

موجوده عالمي صورتحال ۾ به پاڪستان ذميوار رياست جو ڪردار ادا ڪندي ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ ڀرپور سفارتي ڪوششون ڪيون

فيصل آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي سياسي ۽ عوامي معاملن واري صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ غير

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٺٽا مڇي معيشت کي مستحڪم بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: رفيق دائود جت

ساحلي پٽي جي وسيلن مان ڀرپور فائدو وٺڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي فراهمي تي ڪم جاري آهي

غير قانوني جالن خلاف ڪارروائي ۽ پائيدار ماهيگيري ذريعي سامونڊي حيات جي تحفظ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي مليرجي نائب صدر ۽ ڪيس چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سون جي ٽي تولو قيمت ۾ 200 روپين جي گهٽتائي، چانديءَ جي قيمت ۾ 193 روپين جي واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) مقامي صراف مارڪيٽ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ 200 روپين جي گهٽتائي جڏهن ته چاندي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تان 6 ڄڻن جا لاش هٿ، نشي جي زيادتي جو شڪ ظاهر

گارڊن، رنڇوڙ لائن ۽ نمائش سميت مختلف علائقن مان نامعلوم لاش برآمد ڪيا ويا

ڪلفٽن نيلم ڪالوني مان نوجوان اسد جو لاش هٿ، پين جي سڃاڻپ جاري

پوليس موجب نشي جي زيادتي جو امڪان، پوسٽ مارٽم بعد اصل حقيقت سامهون ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ مختلف

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

معرڪ حق جي ڪاميابي کي هڪ سال مڪمل، تقريبن جو سلسلو جاري، آءِ ايس پي آر پاران واحد سعيد ۽ رڳهو جي آواز ۾ خاص نغمو رليز ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) هم چائين طوفان آنڌين جي طرح هم ڪوئي دشمن پي بجلين جي طرح، معرڪ حق جي ڪاميابي کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي جي ساليانو اجلاس ۾ ڪاظم خان بنا مقابلي ٻيهر صدر چونڊجي ويو

اياز خان سينيئر نائب صدر، غلام نبي چانڊيو سيڪريٽري جنرل ۽ ٻين عهدن تي نئين قيادت جو انتخاب مڪمل

صحافت کي درپيش مسئلا جعلي خبرون ۽ مالي بحران تي بحث، حڪومت کان اشتهارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطالبو

وزيراعظم شهباز شريف، پنجاب وزير اعليٰ مريم نواز، بابر يوسفزئي، ملڪ احمد خان ۽ ٻين مبارڪون ڏنيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مشهور صحافي ڪاظم خان کي ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي ساليانو اجلاس ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بنا مقابلي صدر چونڊيو ويو جڏهن ته اياز خان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سي پي اين اي جي ساليانو چونڊ جي موقعي تي ورڪنگ گروپ فوٽو ۾ عهديدار موجود آهن

پهلگام فالس فليگ: سچ کان خوفزده ڀارت ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ بزدلي وارن طريقن تي لهي پيو

مودي حڪومت سچ جي آواز کي دٻائڻ لاءِ آءِ ايس پي آر جي چينل سميت ڪيترن ئي پاڪستاني يوٽيوب چينلز کي ڀارت ۾ بند ڪري ڇڏيو

ڀارت پاران پاڪستان جا يوٽيوب چينل بلاڪ ڪرڻ جهڙن قدمن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڀارت پاڪستان هٿان واضح شڪست جو اعتراف آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پهلگام فالس فليگ جي شرمندگي ۽ سچ کان خوفزده ڀارت ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ بزدلي وارن طريقن تي لهي پيو آهي مودي حڪومت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پي ايم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود سان يو اين ايف پي اي جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

مانچسٽر ۾ سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ جو شاندار استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سستي بجلي ۽ سولر منصوبن بابت ميئر ڪراچي ۽ ڪي اليڪٽرڪ ۾ ملاقات

ملاقات ۾ بجلي جي ترسيل، سستي توانائي ۽ سولر منصوبن بابت تفصيلي ڳالهه

بجلي جي مستحڪم فراهمي لاءِ ادارن وچ ۾ موثر سهڪار انتهائي ضروري آهي:مرتضيٰ وهاب

اليڪٽرڪ بائيڪس لاءِ چارجنگ اسٽيشنز ۽ زمين جي فراهمي تي به اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران حج لاءِ عمر جي حد بابت نئين پابندي لاڳو،15 سال کان گهٽ عمر وارا عازمين حج لاءِ اهل نه هوندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعودي عرب پاران حج لاءِ عمر جي حد بابت نئين پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي جنهن تحت 15 سال کان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ريڊ لائين بي آر ٽي صرف هڪ منصوبو نه پر ڪراچي جي مستقبل جي شهه رڳ آهي:شرجيل ميمڻ

منصوبي تي ڪم ٻيهر شروع ٿيڻ کان پوءِ ايندڙ ٻن کان ٽن مهينن اندر شهرين کي واضح بهتري محسوس ٿيندي

ميگا منصوبن جي تڪميل دوران عوام کي عارضي تڪليف کي منهن ضرور ڏيڻو پوي ٿو، سنڌ حڪومت کي ان صورتحال جو مڪمل احساس آهي

سنڌ حڪومت عوامي مفاد کي ترجيح ڏيندي سڀني معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو آهي ۽ اتفاق فيصلا ڪيا آهن

ڪراچي(رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران حج لاءِ عمر جي حد بابت نئين پابندي لاڳو،15 سال کان گهٽ عمر وارا عازمين حج لاءِ اهل نه هوندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعودي عرب پاران حج لاءِ عمر جي حد بابت نئين پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي جنهن تحت 15 سال کان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي تعليم جي روشني ۾ حج پاڌيئڙن لاءِ عمر جي حد ۾ نرمي، 15 سالن جي پابندي ختم

هاڻي 12 سالن کان وڌيڪ عمر جا حج پاڌيئڙا به حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب وڃي سگهندا

فيصلي سان انهن هزارين خاندانن کي رليف ملندو جيڪي پنهنجي ٻارن سان حج جي سفر جي خواهش رکن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) سعودي عرب طرفان جاري ڪيل تازي تعليمي روشني ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

گڏاپ ٽائون ۾ هيٽ اسٽروڪ کان بچاءَ لاءِ سبيلون ۽ طبي ڪيمپس قائم

چيئرمين، وائس چيئرمين ۽ ميونسپل ڪمشنر پاران هنگامي قدمن جو اعلان

گرمي جي شدت سبب عوام لاءِ ٿڌا مشروبات، پاڻي ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، وائس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڊيفنس ٽارگيٽ ڪيس: ايس پي آغا اصغر جو پٽ آغا شهير ٻن ساٿين سميت پوليس آڏو پيش

ايف بي آر انسپيڪٽر شهمير لاشاري کي گولين هڻي زخمي ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث هئا

آغا شهير واقعي کان پوءِ شڪارپور کان بلوچستان فرار بعد ۾ ڪراچي ۾ پوليس آڏو پيش ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڊيفنس ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ايف بي آر انسپيڪٽر شهمير لاشاري کي جهيڙي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حق جي ويڙهه ۾ ڪاميابي کانپوءِ پاڪستان عالمي سطح تي امن جو علمبردار بڻجي اڀريو: عطا الله تارڙ

اسان ٻڌائيندا هئاسين ته هن سڄي دنيا ۾ وڏي لابنگ ڪري ورتي آهي ۽ غير معمولي اهميت حاصل ڪرڻ وڃي رهيو آهي

اسان ٻڌائيندا هئاسين ته هن سڄي دنيا ۾ وڏي لابنگ ڪري ورتي آهي ۽ غير معمولي اهميت حاصل ڪرڻ وڃي رهيو آهي

پاڪستان جو هر طبقو جنگ ۾ قربانيون ڏئي رهيو آهي، فوج، آفيسر ۽ جوان، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سڀ ان جدوجهد ۾ شريڪ آهن

ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو ۽ سنڌس ٽيم انتهائي پيشه ورانه مهارت سان ملڪ جو دفاع ڪيو: وفاقي وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماء واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي ته حق

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2



بقايا 1 صدر ٽرمپ

"ڪم مڪمل ڪرڻ ڪان سواءِ" نه ڇڏيندو نه جيئن ان کي ڪجهه سالن ۾ ٻيهر ايران سان ساڳئي قسم جي بحران کي منهن نه ڏيڻو پوي ڦلوريڊا ۾ ڳالهائيندي صدر ٽرمپ وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ايران جنگ مان تمام جلدي پوئتي هٽي ويو ته ساڳي مسئلو ڪن سالن ۾ ٻيهر پيدا ٿي سگهي ٿو هن ڀيري، هڪ مڪمل ۽ پائيدار حل ضروري آهي. صدر ٽرمپ موجب، آمريڪا ايران جنگ کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جنگ لاءِ ڪنهن به عارضي معاهدي يا حڪمت عملي کي قبول نه ڪندو. جيتوڻيڪ صدر ٽرمپ پنهنجي تقرير ۾ اهو واضح نه ڪيو ته آمريڪا ڪهڙا ڪم مڪمل ڪرڻ ڪان سواءِ نه ڇڏيندو پر هن اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا حڪومت جي تبديلي جو اشارو ڏنو آهي. صدر ٽرمپ بار بار ايران ۾ نئين قيادت اڀرڻ جو عزم ظاهر ڪيو آهي ۽ سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي جي قيادت کي آمريڪا لاءِ خطرو قرار ڏنو آهي جيڪو جنگ جي پهرين ڏينهن تي اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو.

بقايا 2 لهي پيو

سچ جي آواز کي دٻائڻ لاءِ آءِ ايس پي آر جي چينل سميت ڪيترن ئي پاڪستاني يوٽيوب چينلز کي ڀارت ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان جي فوج هٿان مليل ناڪامي کان پوءِ ڀارت کي ڊجيٽل دنيا ۾ پڻ ذلت واري شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آهي. شڪست مليل مودي سرڪار حقيقت کي لڪائڻ لاءِ 1 مئي 2025 تي آءِ ايس پي آر جو سرڪاري يوٽيوب چينل بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڀارت پاران پاڪستان جا يوٽيوب چينل بلاڪ ڪرڻ جهڙن قدمن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڀارت پاڪستان هٿان واضح شڪست جو اعتراف ڪيو آهي. ماهرن موجب جنگ جي ميدان کان پوءِ ڊجيٽل محاذ تي ڀارت جي وائڙائپ عالمي ذلت جو واضح ثبوت آهي.

بقايا 3 شاندار استقبال

واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ جو مانچسٽر ۾ شاندار استقبال ڪيو ويو. برطانوي پارليامينٽ جي ميمبرن قيصر احمد شيخ جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو سيڙپڪاري بورڊ طرفان گذريل ڏينهن جاري پڌرائي موجب مانچسٽر ۾ ڊين هائوس تي اعليٰ سطحي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ اوورسيز پاڪستانين ڀرپور شرڪت ڪئي. سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سمنڊ پار پاڪستانين جي موڪليل ناڻي کي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان سيڙپڪاري لاءِ بهترين منزل آهي. هن حڪومت طرفان پيش ڪيل رعايتن ۽ موقعن مان فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڀريو قيصر احمد شيخ چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۾ پاڪ برطانيه لاڳاپا مضبوط ٿيا آهن. وفاقي وزير فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عالمي امن لاءِ ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪيو وفاقي وزير چيو ته زراعت، آءِ ٽي، ٽيڪسٽائيل سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن هن سيڙپڪاري بورڊ طرفان سيڙپڪارن لاءِ مڪمل سهولت فراهم ڪرڻ جي عزم کي ورجايو.

بقايا 4 ملاقات

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، K-Electricجي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سيد طحه سان بلدير عظميٰ ڪراچي جي هيڊ آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران شهر ۾ بجلي جي ترسيل سستي توانائي ۽ سولر منصوبن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ميئر ڪراچي کي اليڪٽرڪ جي وفد کي ڀليڪار ڪندي چيو ته شهر ۾ بجلي جي مستحڪم فراهمي لاءِ ادارن وچ ۾ موثر سهڪار انتهائي ضروري آهي. ملاقات دوران بجلي جي ترسيل جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ سولر پارڪس جي قيام بابت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. هن چيو ته ڪي اليڪٽرڪ نه صرف ڪراچي پر بلوچستان جي ڪجهه علائقن کي به بجلي فراهم ڪري رهي آهي جيڪا هڪ اهم ذميواري آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته بلدير عظميٰ ڪراچي ۽ واٽر ڪارپوريشن سستي بجلي جي پيداوار ۽ فراهمي بابت منصوبن ۾ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪندا. ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته بلدير عظميٰ ڪراچي اليڪٽرڪ بائيڪس ۽ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشنز جي قيام لاءِ زمين فراهم ڪرڻ لاءِ به تيار آهي. هن چيو ته شهر کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ گرين ۽ ڪلين انرجي ڏانهن منتقل ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ملاقات ۾ حارث جميل سميت ڪي اليڪٽرڪ جا ٻيا آفيسر به شريڪ هئا. جڏهن ته ٻنهي ڌرين مستقبل ۾ باهمي سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 5 اهل نه هوندا

گهٽ عمر وارا عازمين حج لاءِ اهل نه هوندا. نئين ضابطي موجب 27 مئي 2026 تائين 15 سالن جي عمر مڪمل نه ڪندڙ عازمين کي حج لاءِ سعودي عرب سفر ڪرڻ جي اجازت نه هوندي، جڏهن ته اڳ ۾ جاري ڪيل حج ويزا به منسوخ قرار ڏنيون ويون آهن. سعودي عرب Saudi Arabiaجي اختياري موجب متاثر ٿيل عازمين کي مڪمل رقم واپس ڪرڻ جي به يقين ڏيارايو ويو آهي. هوائي اڏي اختيارين کي پڻ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته گهٽ عمر وارن عازمين کي فلائيٽ ۾ سوار ٿيڻ کان روڪيو وڃي، جڏهن ته نئين عمر واري پابندي تي فوري طور تي عملدرآمد جو حڪم به ڏنو ويو آهي.

بقايا 6 پابندي ختم

پاڪستان حج مشن هڪ اهم وضاحتي بيان جاري ڪيو آهي جنهن تحت 15 سال کان گهٽ عمر جي حج پاڻيڙن تي لاڳو پابندي ختم ڪئي وئي آهي. مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان طرفان جاري بيان موجب سعودي حڪم نامي ڪانپوءِ هاڻي 12 سالن کان وڌيڪ عمر جا حج پاڻيڙا به حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب وڃي سگهندا. بيان ۾ واضح ڪيو ويو ته 15 سالن جي عمر واري تجويز ڪيل پابندي جو فيصلو واپس ورتو ويو آهي ۽ 12 سالن جي عمر جي حد رکندڙ اڳوڻي پاليسي ئي برقرار رهندي ان فيصلي سان انهن هزارين خاندانن کي رليف ملندو جيڪي پنهنجي ٻارن سان حج جي سفر جي خواهش رکن ٿا.

بقايا 7 عطا الله تارڙ

جي ويڙهه ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ پاڪستان دنيا ۾ امن جو علمبردار بڻجي اڀريو آهي. پاڪستان سفارتي ۽ بيانيي جي محاذ تي اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن گذريل ڏينهن مقامي هوٽل ۾ Talking Narratives- Marka e Haqجي عنوان سان رٿيل تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته بيانيو ۽ عسڪري سطح تي پاڪستان جي عزت، وقار ۽ منفرد مقام وڌيڪ مستحڪم ٿيو آهي جتي پاڪستان پاسپورٽ ۽ سائي جهنڊي کي به احترام جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو اڄ سڄي دنيا ۾ ماڻهو پاڪستان سان وابستگي تي فخر محسوس ڪن ٿا. هن چيو ته سرحد جي ٻئين پر اڪيلائي، ناڪامي ۽ بدنامي ڪانسواءِ ڪجهه ناهي، اسان ٻڌندا هئاسين ته هن سڄي دنيا ۾ وڏي لابنگ ڪري ورتي آهي ۽ غير معمولي اهميت حاصل ڪري وڃي رهيو آهي پر اسان جي، جي ٽين سي جهازن ۽ فتح ميزائيل دشمن جي نام نهاد چمڪ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو ان جو نتيجو اهو نڪتو ته اڄ پاڪستان روشن ۽ باوقار مقام تي بيٺل آهي جڏهن ته اوڀر طرف خاموشي ۽ اونداهي ڇانيل آهي وفاقي وزير چيو ته حق جي ويڙهه ڪيترن ئي محاذن تي وڙهي وئي جڏهن وزيراعظم شهباز شريف پي ايم اي ڪاڪول ۾ دنيا آڏو اهو موقف پيش ڪيو ته پهلگام واقعو هڪ فالس فليگ آپريشن هو ۽ ان جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ته ان جو ڪو به جواب نه آيو ۽ جواب اچڻو به نه هو ڇاڪاڻ ته اهو واقعو چالاڪي سان پاڻ ڪيو ويو ته صرف 10 منٽن اندر ان جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي جنهن سان سڄو معاملو هڪ مذاق بڻجي ويو هو. ان باوجود پاڪستان هڪ ذميوار رياست طور پهلگام واقعي تي ڏک جو اظهار ڪندي نشانو بڻجندڙن سان همدردي جو اظهار ڪيو. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف فرنٽ لائين رياست طور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن ته اڀرندي سرحد طرفان پاڪستان ۾ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪرڻ ته پري پر ڪڏهن به ڏک جو اظهار به نه ڪيو ويو اهو ئي بنيادي فرق آهي. هن چيو ته هڪ طرف پاڪستان جي رياست آهي جيڪا دهشتگردن ۽ دهشتگردي خلاف مقابلو ڪرڻ لاءِ بيٺل آهي جڏهن ته پاڪستان جو هر طبقو ان جنگ ۾ قربانيون ڏئي رهيو آهي فوج، آفيسر ۽ جوان، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سڀ ان جدوجهد ۾ شريڪ آهن هن چيو ته آرمي پبلڪ اسڪول جو سانحو سڄي دنيا آڏو آهي. جڏهن ته جعفر ايڪسپريس واقعي جي به سڀني کي خبر آهي هن چيو ته اسان جو هر طبقو قربانيون ڏئي رهيو آهي جڏهن ته ٻئي طرف هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي ڪردار جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪڏهن اسان ڪلڀوشن يادو کي گرفتار ڪريون ٿا ته ڪڏهن ابي نندن پڪڙيو وڃي ٿو هن چيو ته اسان جي اندر ۾ ايتري برداشت ۽ وقار آهي ته جڏهن سندن پائليٽ اسان جي تحويل ۾ آيو ته اسان ان کي چانهه پياري، عزت ۽ احترام سان واپس ڪيو هن چيو ته ڪو ٻيو هجي ها ته واپس وڃي ايوارڊ نه وٺي ها، هي عجيب قوم آهي، سندن جهاز ڪريو اسان ان جي پائليٽ کي چانهه پياري واپس ڪيو ۽ واپس وڃي ايوارڊ ورتو وفاقي وزير چيو ته اهو ئي بنيادي فرق آهي ته ڀارت دهشتگردي جي پشڀرائي ڪري ٿو جڏهن ته پاڪستان دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيو آهي هي مسئلو صرف پاڪستان تائين محدود ناهي پر ان جا اثر ٻين ملڪن تائين پهچي چڪا آهن ڪينيڊا ۾ سک اڳواڻ هرديپ سنگهه نجر جي قتل جو واقعو دنيا آڏو آهي، سکن خلاف ڪارروايون صرف ڀارت جي اڀرندي پنجاب تائين محدود ناهن رهيون پر ان جا اثر ڪينيڊا ۽ آمريڪا تائين پکڙجي چڪا آهن عطا الله تارڙ چيو ته حق جي ويڙهه ۾ سفارتي محاذ تي ڪاميابي ڪانپوءِ پاڪستان بيانيي جي محاذ تي به سرخرو ٿيو هن چيو ته سڌ سماءِ واري وفاقي وزير طور جڏهن سي اين اين، بي بي سي، اسڪائي نيوز الجزيره، ٽي آر ٽي سميت عالمي ميڊيا تي پاڪستان جو موقف پيش ڪري رهيو هو ته هي ٽيم ورڪ جو حصو هو ڊي جي آءِ ايس پي آر ان حوالي سان بهترين ماحول پيدا ڪيو ۽ موثر حڪمت عملي اختيار ڪئي ان ٽيم ورڪ جي نتيجي ۾ پاڪستان نه رڳو سفارتي جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي پر بيانيي جي جنگ ۾ به سرخرو ٿيو هن چيو ته اسان جي ملڪ جي نوجوانن ۽ سوشل ميڊيا انفلوئنسرز سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي جنگ دوران بهترين ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته حق جي ويڙهه جي تاريخ لکي ويندي ته جنريشن زي، سوشل ميڊيا انفلوئنسرز سوشل ميڊيا صارفين ۽ سندن خدمتن کي سنهري اکرن ۾ لکيو ويندو هن چيو ته هڪ طرف سخت قسم جي روايتي جنگ جاري هئي جڏهن ته ٻئي پاسي ميمز وار به هلي رهي هئي، ڀارت ۾ قوم ان ڳالهه تي پريشان هئي ته هي ڪهڙا ماڻهو آهن جن جنگ جهڙي سنجيده ماحول ۾ به اسان جي دعوائن جو مذاق اڏاريو هن چيو ته جنهن انداز ۾ اسان جي نوجوان نسل ڀارتي ميڊيا جو مڪروهه چهرو سڄي دنيا آڏو بي نقاب ڪيو اهو واکاڻ جوڳو آهي هن چيو ته ڀارتي ميڊيا جو بيانيو ان حد تائين ڪوڙ تي ٻڌل هو ته هن لاهور ۽ ملتان جهڙي لينڊ لاڪ شهرن جي بندرگاهن تائين کي تباهه ڪرڻ جون پڻ دعوائون ڪيون ۽ انهن جي اينڪرز کي ري شخصيتن پاڪستان کي غير ارادي طور ڀرپور مزاحيه مواد فراهم ڪيو هن چيو ته جڏهن هي چيلينج سامهون آيو ته ڀارت پاڪستان جا يوٽيوب چينلز بند ڪري ڇڏيا ته سوال اٿيو ته ڇا اسان به اهو ئي قدم کڻون جڏهن ته ميڊيا حڪمت عملي تحت فيصلو ڪيو ته ائين نه ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته جنگي ماحول ۾ ڪجهه گنجائش رهڻ گهرجي، جڏهن ته اسان هڪ قدم ضرور کنيو ۽ پنهنجا ملي نغما، قومي ۽ جنگي ترانا ڀارتي يوٽيوب چينلز تي هلائي پنهنجو موقف دنيا تائين پهچايو عطا الله تارڙ چيو ته الله تعاليٰ پاڪستان جي وڏي عزت رکي جڏهن ته نوجوان نسل جنريشن زي ۽ سوشل ميڊيا انفلوئنسرز ساراهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو سندن ڪوشش نه رڳو پوري قوم پر پاڪ فوج جا حوصلا بلند ڪيا. اسان ٻڌندا هئاسين ته 1965ع جي جنگ ۾ ميڊم نور جهان ملي نغمن سان قوم کي متحرڪ ڪيو ۽ نوجوان ۽ آفيسرن جو مورال بلند ڪيو هن ڀيري به جوش ۽ جذبو موجود هو جڏهن ته اسان سان گڏ اسان جي جنريشن زي جي سوشل ميڊيا حڪمت عملي به قومي جذبي، پاڪ فوج جي حوصلي ۽ ملڪ جي عزم کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو قومون اهڙي طرح بڻجنديون آهن وزيراعظم جو ويزن، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي جنگي حڪمت عملي ۽ جنهن جرئت سان قيادت ڪئي وئي اهو دنيا جي جنگي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي هن چيو ته جڏهن حملو ٿيو ته پاڪستان دشمن جا 8 جهاز ڪيرايا. هن چيو ته ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو ۽ سندس ٽيم انتهائي پيشيوراڻي مهارت سان ملڪ جو دفاع ڪيو جڏهن ته پاڪستان نيوي به مڪمل طور تي تيار هئي. هن چيو ته ايڊمرل نويد اشرف به هدف لاڪ ڪري رکيا هئا ته جيئن خدا نه ڪري پاڪستان تي ڪا اڳرائي ٿي ته ان جو موثر جواب ڏنو ويندو هن چيو ته پاڪستان نه رڳو پنهنجو دفاع ڪيو پر حق جي ويڙهه ۾ آپريشن بنيان مرصوص تحت 10 مئي تي ڀرپور جواب ڏنو ڀارت جي فوجي ترجمان جا منهن لٿل هئا جيڪي گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان وڏيون دعوائون ڪري رهيا هئا. هن چيو ته آزاد ڪشمير ۾ رهائشي ڪامپليڪس تي بمباري سان هڪ معصوم ٻار شهيد ٿيو جڏهن ته بهاولپور ۽ مريدڪي ۾ به اسان جا ٻار ۽ شهري شهيد ٿيا، ٻئي طرف ڀارت طرفان مسلسل ڇڙ ڇڙ ڪري بيان ڏنا پئي ويا. پاڪستاني فوج جي ڪارروائي ڪانپوءِ اهي ڌريون ڪجهه ڪلاڪن اندر ڳوڙها ڳاڙيندي جنگ بندي جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهي ئي ٽي وي اسڪرينون هيون آهي ئي چهرا هئا پر اعتماد ختم ٿي چڪو هو پاڪستان جي فيصلاڪن جواب کي ٻه چار ڪلاڪ به برداشت نه ڪري سگهيا. هن چيو ته ان رات دنيا ڏٺو ته جڏهن هنن پاڪستان تي حملو ڪيو ته بعد ۾ انهن جي جهازن جا ملبا بلڊوزر ذريعي کنيا پئي ويا. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان رات جي اونداهي ۾ جواب نه پر فجر جي وقت نماز ادا ڪرڻ ڪانپوءِ الله تعاليٰ کان دعا ڪري ڪارروائي شروع ڪئي. هن چيو ته جڏهن فتح ميزائل پنهنجي هدفن طرف ويا ته هنن فتح جو پيغام ڏنو هن چيو ته الله تعاليٰ جو شڪر آهي ته هن واقعي کي هڪ سال ٿي ويو آهي ۽ پوري قوم اڄ ان فتح جو جشن ملهائي رهي آهي، هن چيو ته ان ئي اتحاد ۽ اتفاق ۾ پاڪستان جي اصل طاقت آهي ملڪ جي سلامتي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو وفاقي وزير سمورن سوشل ميڊيا انفلوئنسرز ۽ صحافين کي سلام پيش ڪندي چيو ته پاڪستاني ميڊيا انتهائي ذميواري سان حقيقتن تي ٻڌل رپورٽنگ ڪئي ۽ پاڪستان جي بيانيي کي هٿي ڏني هن چيو ته جيڪڏهن اهو سمجهيو وڃي ها ته بيانيي جي جنگ اڪيلي وڙهي سگهجي ٿي ته اهو درست ناهي هي مڪمل طور هڪ ٽيم ورڪ هو هن چيو ته اڄ جو ڏينهن الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي، پاڪستان جو مستقبل روشن آهي ۽ هڪ سال ۾ ملڪ کي جيڪا عزت ملي اها وڌيڪ وڌندي. هن دعا ڪئي ته پاڪستان ترقي ڪري وڌي ويجهي ۽ ايندڙ نسلن کي اهڙو ملڪ ملي جنهن جو خواب علامه محمد اقبال ڏٺو هو ۽ جنهن کي قائداعظم محمد علي جناح عملي تعبير ڏني.

بقايا 8 شرجيل ميمڻ

سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ريڊ لائين بي آر ٽي صرف هڪ منصوبو نه پر ڪراچي جي مستقبل جي شهه رڳ آهي جيڪا شهر جي ٽرانسپورٽ نظام ۾ انقلابي تبديلي آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن چيو ته منصوبي تي ڪم ٻيهر شروع ٿيڻ کان پوءِ ايندڙ ڪن مهينن اندر شهرين کي واضح بهتري محسوس ٿيندي ۽ ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته زير تعمير حصن کي مرحليوار بحال ڪري ٽريفڪ لاءِ کوليو وڃي. هن چيو ته ميگا منصوبن جي تڪميل دوران عوام کي عارضي تڪليف کي منهن ضرور ڏيڻو پوي ٿو پر سنڌ حڪومت کي ان صورتحال جو مڪمل احساس آهي ۽ انهيءَ تناظر ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت عوامي مفاد کي ترجيح ڏيندي سڀني معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو آهي ۽ اڳيئان فيصلا ڪيا آهن ته جيئن منصوبي جي رفتار ۽ معيار ٻنهي کي يقيني بڻائي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي سنڌ حڪومت جو هڪ اهم عوامي منصوبو آهي جنهن جو مقصد ڪراچي جي شهرين کي جديد، ماحول دوست ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 9 اهل نه هوندا

گهٽ عمر وارا عازمين حج لاءِ اهل نه هوندا. نئين ضابطي موجب 27 مئي 2026 تائين 15 سالن جي عمر مڪمل نه ڪندڙ عازمين کي حج لاءِ سعودي عرب سفر ڪرڻ جي اجازت نه هوندي، جڏهن ته اڳ ۾ جاري ڪيل حج ويزا به منسوخ قرار ڏنيون ويون آهن. سعودي عرب Saudi Arabiaجي اختياري موجب متاثر ٿيل عازمين کي مڪمل رقم واپس ڪرڻ جي به يقين ڏيارايو ويو آهي. هوائي اڏي اختيارين کي پڻ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته گهٽ عمر وارن عازمين کي فلائيٽ ۾ سوار ٿيڻ کان روڪيو وڃي، جڏهن ته نئين عمر واري پابندي تي فوري طور تي عملدرآمد جو حڪم به ڏنو ويو آهي.

بقايا 10 ڪيمپس قائم

ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز هيٽ اسٽروڪ الرٽ جاري ٿيڻ کان پوءِ خاص هدايتن تحت گڏاپ ٽائون جي مختلف علائقن ۾ هيٽ اسٽروڪ کان بچاءَ لاءِ سبيلون ۽ خاص ڪيمپس قائم ڪري ڇڏيا آهن. چيف ميڊيڪل آفيسر گڏاپ ٽائون ڊاڪٽر لبنيٰ مقبول مختلف هيٽ اسٽروڪ ڪيمپن جو دورو ڪيو ۽ اتي مهيا ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته سڄي ملڪ ۾ سخت گرمي ۽ هوائن جي بند ٿيڻ سبب هيٽ اسٽروڪ جا خطرا وڌي وڃن ٿا. هن چيو ته گرمي جي شدت ۽ درجه حرارت ۾ غير معمولي واڌ کي نظر ۾ رکندي انهن ڪيمپن جو مقصد عوام کي فوري طبي امداد، ٿڌا مشروب، صاف پاڻي ۽ ڇانو وارا هنڌ مهيا ڪرڻ آهي ته جيئن شهرين کي هيٽ اسٽروڪ جي نقصان کان محفوظ رکيو وڃي. ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز گڏاپ ٽائون جي سموري عملي کي هدايت ڪئي ته هو عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪن ۽ هن سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. وائس چيئرمين جام محمد جوکيو پنهنجي پيغام ۾ شهرين کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪندي چيو ته بزرگ ماڻهو بنا ضرورت گهرن کان ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ جيڪڏهن ٻاهر وڃڻ ضروري هجي ته مٿي کي ڍڪي رکن ۽ وقفي وقفي سان پاڻي پيئندا رهن. گڏاپ ٽائون جي اهم شاهراهن ۽ مختلف هنڌن تي پاڻي، ڇانو ۽ طبي امداد جا ڪيمپس قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن عوام وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهي.

بقايا 11 پوليس آڏو پيش

دوران گولين هڻي زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾ اهم پيش رفت ٿي آهي. جتي ايس پي آغا اصغر جي پٽ آغا شهير پوليس آڏو پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪري ڇڏيو آهي. پوليس ذريعن موجب آغا شهير سان گڏ سندس ٻه ساٿي به پوليس جي سامهون پيش ٿيا، جنهن کان پوءِ ٽنهي کي قانوني ڪارروائي لاءِ حراست ۾ ورتو ويو آهي. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته آغا شهير واقعي کان پوءِ شڪارپور کان بلوچستان فرار ٿي ويو هو جڏهن ته بعد ۾ هن پاڻ ڪراچي جي علائقي ڊفينس ۾ پوليس آڏو پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ سمورن لاڳاپيل پهلوئن کي جاچي حتمي رپورٽ تيار ڪئي پئي وڃي.

بقايا 12 خدشو ظاهر

خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو پڙهيو پڙهيو ميڊيا موجب خاتم الانبيا هيڊ ڪوارٽرز جي ڊپٽي انسپيڪٽر سردار اسدي چيو آهي ته ايراني فوج دشمن طرفان ڪنهن به مهم جو جواب ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي. ايراني فوج چيو آهي ته حالتون واقعا ۽ شاهديون ٻڌائين ٿيون ته آمريڪا سان ٻيهر ڇڪتاڻ شروع ٿي سگهي ٿي.

بقايا 13 14اهلڪار شهيد

ميڊيا موجب زنجان صوبي ۾ بارودي سرنگهن ۽ نه ڦاٽندڙ گولي بارود کي ناڪارا بڻائڻ جي آپريشن دوران ڌماڪي ۾ پاسداران انقلاب جا 14 اهلڪار شهيد ۽ ٻه زخمي ٿي پيا پاسداران انقلاب ان حوالي سان چيو ته دشمن جي فضائي حملن جي ڪلسٽر بمن ۽ بارودي سرنگهن سبب زنجان صوبي جا مختلف حصا گدلا ٿي ويا هئا، ماهر هيل تائين 15 هزار کان وڌيڪ اهڙن بمن کي ناڪارا بڻائي چڪا هئا پر هڪ مشن دوران ڌماڪي جي نتيجي ۾ 14 اهلڪار شهيد ٿي ويا.

بقايا 14 سردار عبدالرحيم

مسئلن جي حل لاءِ هر فورم تي ڀرپور آواز اٿاريو ويندو ۽ ڪراچي کي لاوارث نه ڇڏيو ويندو. هن چيو ته صوبي ۾ منشيات جو وڌندڙ رجحان نوجوان نسل لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪو آهي جڏهن ته حڪمران عوامي مسئلا حل ڪرڻ بدران ذاتي مفادن ۽ ڪرپشن ۾ مصروف آهن. هنن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن فنڪشنل مسلم ليگ ڪراچي ڊويزن جي نومنتخب صدر انور عظيم ايڊووڪيٽ پاران ڏنل عشائيه تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ منشيات جي روڪٿام ۾ حڪومت مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ تعليمي ادارن کان وٺي گهٽين محلن تائين کلي عام منشيات وڪرو ٿي رهي آهي جيڪا نوجوانن جي مستقبل کي تباهه ڪري رهي آهي. هن چيو ته صحت، تعليم، زراعت، آبپاشي ۽ خاص ڪري ڪراچي جو انفراسٽرڪچر حڪومتي نااهلي سبب تباهي جو شڪار آهي ۽ عوام بنيادي سهولتن کان محروم ٿي چڪو آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪمران جي ناقص پاليسين شهرين کي "پٿر جي دور" ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڪراچي شهر کي نظرانداز ڪري ان جي وسيلن کي بي دردي سان لٽيو پيو وڃي. پنهنجي خطاب ۾ سردار عبدالرحيم 1965ع جي جنگ ۾ حر مجاهدين جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته حرن گوريلا جنگ ذريعي دشمن کي پوئتي هٽايو ۽ بهادري جون نيون مثالون قائم ڪيون. هن سورهيه بادشاهه جي انگريز سامراج خلاف جدوجهد کي تاريخي قرار ڏيندي چيو ته حرن هميشه سر اوچو ڪري جيئڻ سيکاريو ۽ ڪڏهن به غلامي قبول نه ڪئي. هن افسوس ظاهر ڪيو ته آزادي کان پوءِ اقتدار انهن ماڻهن جي هٿ ۾ هليو ويو جن جو ڪا قرباني نه ڏني. سردار عبدالرحيم چيو ته موجوده حالتن مان نجات جو واحد رستو پير صاحب پاڳارا جي قيادت کي مضبوط ڪرڻ آهي. فنڪشنل مسلم ليگ جو ايجنڊا عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، ملڪ ۾ سياسي استحڪام آڻڻ ۽ پاڪستان کي ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن ڪرڻ آهي. هن چيو ته پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي ۽ جيڪڏهن مخلص قيادت ملي وڃي ته ان کي ترقي يافته بڻائي سگهجي ٿو هن پير صاحب پاڳارا کي ساده مزاج ۽ عوام دوست اڳواڻ قرار ڏيندي چيو ته هو هميشه تعليم خاص ڪري نياڻين جي تعليم تي زور ڏين ٿا. هن چيو ته ڪراچي شهر ۾ فنڪشنل مسلم ليگ جي تنظيم تيزي سان مضبوط ٿي رهي آهي ۽ بلدياتي چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ تياريون شروع ڪيون ويون آهن. عوامي رابطي مهم کي وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي ته جيئن گهر گهر پارٽي جو پيغام پهچائي سگهجي. هن چيو ته عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر فورم تي ڀرپور آواز اٿاريو ويندو ۽ ڪراچي کي لاوارث نه ڇڏيو ويندو هن الزام لڳايو ته موجوده حڪمران شهر کي لٽي ان جو استحصال ڪري رهيا آهن جڏهن ته ڪراچي جا عوام پير صاحب پاڳارا سان بيحد محبت ڪن ٿا. هن ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" جو نعرو گهر گهر تائين پهچايو وڃي ۽ عوام کي پارٽي جي منشور کان آگاهه ڪيو وڃي. تقريب ۾ انور عظيم ايڊووڪيٽ، جمشيد خان، نعيم سجاد، شاهين خان ايڊووڪيٽ، چوڌري تنوير الهه يار بلوچ، غلام قادر لغاري، عديل وارثي سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ شوبز سان لاڳاپيل محمد حنيف خان، جاويد زمان، تنزيلا خرم، ڪنور وجاهت، عبدالقادر شر ۽ ٻيا شامل هئا.

بقايا 15 ٻه جوابدار گرفتار

ڪارروائي ڪندي اهم نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪيو ويو آهي، جنهن دوران ٻن ملزمن کي گرفتار ڪيو ويو. ترجمان مطابق اسٽيٽ بينڪ سرڪل ڪراچي پاران ڪيل هن وڏي ڪارروائي ۾ غير مجاز ڪرنسي ڪاروبار تي سخت ضرب لڳائي وئي آهي. جتي خاص طور تي ايراني ريال جي غير قانوني خريد ۽ فروخت جو ڌنڌو بي نقاب ٿيو. ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل ملزمن ۾ احمد خان ۽ مصبح الحق شامل آهن جن کي انڊسٽريل ايريا مان رنگي هٿين گرفتار ڪيو ويو. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته ڪارروائي دوران لڳ ڀڳ 200 ڪروڙ ايراني ريال برآمد ڪيا ويا، جنهن سان غير قانوني نيٽ ورڪ کي وڏو نقصان پهتو آهي. ابتدائي جاچ دوران ملزم ڪنهن به قانوني جواز پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا، جڏهن ته تفتيش ۾ سنگين انڪشاف سامهون آيا آهن. ترجمان موجب ملزمن غير قانوني ڪرنسي ڪاروبار جو اعتراف ڪيو آهي ۽ جاچ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو پيو وڃي. ايف آءِ اي FIAجو چوڻ آهي ته ڪرنسي مافيا خلاف بلاامتياز ڪارروائيون جاري آهن. جڏهن ته وڌيڪ گرفتاريون ٿيڻ جو به امڪان آهي ۽ ڪراچي ۾ وڏي نيٽ ورڪ خلاف گهيرو وڌيڪ تنگ ڪيو پيو وڃي.

بقايا 16 قدمن جي هدايت

شريف بجلي جي رسد جي نظام ۾ بهتري ذريعي لائن لاسز ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ ۽ بجلي چوري جي خاتمي لاءِ سخت قدمن جي هدايت ڪندي توانائي جي شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏيڻ تي زور ڀريو آهي گذريل ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ توانائي جي شعبي ۾ سڌارن جي حوالي سان اجلاس ٿيو اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار وفاقي وزير محمد اورنگزيب، وفاقي وزير احد خان چيمه، وفاقي وزير عطا الله تارڙ وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري، وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، خاص مددگار هارون اختر ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ وزيراعظم کي گهريلو صارفين ۽ صنعت لاءِ بجلي جي قيمت جي حوالي سان سفارشون پيش ڪيون ويون وزيراعظم چيو ته بجلي جي صنعتي ۽ گهريلو صارفين لاءِ سهولتون پيدا ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن بجلي جي رسد جي نظام ۾ بهتري آڻي لائن لاسز ۾ نمايان گهٽتائي آندي وڃي ملڪ ۾ توانائي جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ تجديد جوڳي توانائي جي منصوبن کي هٿي ڏني وڃي، بجلي جي اگهن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ جامع حڪمت عملي ترتيب ڏني وڃي وزيراعظم صارفين کي بلن جي ادائيگي ۾ آساني لاءِ ڊجيٽل سهولتن جي فراهمي تي زور ڀريو هن هدايت ڪئي ته بجلي چوري جي خاتمي لاءِ سخت قدم جاري رکيا وڃن صنعتي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ روزگار لاءِ توانائي جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائي وڃي، هن چيو ته گهريلو صارفين لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي توانائي جي شعبي ۾ سڌارا عوام ۽ صنعت جي وسيع تر مفاد کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ نٿا ڪري سگهجن.

بقايا 17 عمل شروع

جنرل عبدالوهاب سومرو چيو آهي ته سعودي صحت واري وزارت جي قانون ۽ طئي ٿيل معيار تحت هڪ لک 19 هزار پاڪستاني حج پاڻيڙن کي صحت جي مڪمل سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ مڪي پاڪ ۽ مديني پاڪ ۾ مرحليوار 35 جديد ڪلينڪس قائم ڪيون وڃن ان سلسلي ۾ پاڪستان حج مشن آفيس جي ويجهو العزيزيه ۾ گنجائش جي کوٽ کي ختم ڪندي نوان ۽ وسيع مرڪزي ڪلينڪ فعال ڪيا ويا آهن ته جيئن حج پاڻيڙن کي هڪ ئي ڇت هيٺان بهترين طبي سهولتون ميسر اچي سگهن ان مربوط نظام تحت هر ڪلينڪ سان گڏ 3 کان 4 ايمبولينسز هر وقت الرٽ ڪيون ويون آهن، جڏهن ته جرمن اسپتال جي فني اهلڪارن ۽ سپر وائيزرز جي مقرري ذريعي علاج جي معيار کي عالمي معيار موجب يقيني بڻايو ويو آهي هو نئين قائم ٿيل پاڪستان حج ميڊيڪل مشن جي مرڪزي ڪلينڪ جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو ڊي جي حج ڪلينڪ جي مرداڻي ۽ زناني او پي ڊي، فارميسي، ڊينٽل يونٽ، الٽرا سائونڊ، ايڪسري ۽ فزيو ٿراپي سميت سمورن شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ۽ علاج هيٺ حج پاڻيڙن کي سڌي ريت فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو جنهن تي حج پاڻيڙن مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو ميڊيڪل عملدارن ڊائريڪٽر جنرل حج کي بريفنگ ڏني ته هن وقت تائين 21 ڪلينڪس قائم ٿي چڪيون آهن جتي هن وقت تائين حج پاڻيڙن کي او پي ڊي ۾ معائني کان پوءِ 8 هزار کان وڌيڪ قسم جون دوائون فراهم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته ليبارٽري ۾ مجموعي طور تي 28 ٽيسٽن جي جديد سهولت موجود آهي جن ۾ سي بي سي مان رت جي کوٽ يا انفيڪشن، بلڊ گلوڪوز مان شگر ۽ يوريا ۽ ڪريٽينائن مان گردن جي بيمارين جي سڃاڻپ ٿيندي آهي جگر ۽ يرقان لاءِ اي ايل ٽي ۽ بليروبن جڏهن ته جوڙن جي سور لاءِ يورڪ ايسڊ جي ٽيسٽ به موجود آهي دل جي تڪليف جي صورت ۾ ٽروپونن آءِ ۽ سي ڪي ايم بي جهڙين ٽيسٽن سان فوري سڃاڻپ ۾ مدد ملندي آهي ان کان علاوه ٽائيفائيڊ، ڊينگي، هيپاٽائيٽس ۽ ڪورونا جي اسڪريننگ سميت پيشاب (يورين) پاخاني (اسٽول) جي ٽيسٽ جي به سهولت موجود آهي ان موقعي تي چيف ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر مرزا علي محمود سميت ٻيا لاڳاپيل عملدار به ڊي جي سان گڏ هئا.

بقايا 18 خيما لڳايا ويا

v شڪل ڏني پئي وڃي پڙهيو پڙهيو ميڊيا مطابق ڪمپني جو چوڻ آهي ته منيٰ وادي جي عارضي خيما وسندي ۾ 45 هزار کان وڌيڪ لڳايا ويا آهن جيڪي 3.5 ملين چورس ميٽر ايراضي تي پکڙيل آهن ڪمپني پاران مقدس هنڌن (منيٰ عرفات ۽ مزدلفه) ۾ حج جي حوالي سان جديد انفراسٽرڪچر تيار ڪيو آهي جنهن تحت جامع خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي حج ڏينهن ۾ مقدس هنڌن جي مستقل بنيادن تي صفائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ منصوبا جوڙيا ويا آهن جڏهن ته ماحول کي ٿڌو رکڻ لاءِ 6 هزار کان وڌيڪ فوارا ۽ ڪولنگ 1500 چورس ميٽر في ڪلاڪ جي گنجائش جي پنج آپريشن اسٽيشن کان علاوه 25 هزار واٽر ٽينڪن جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ڪمپني مختلف هنڌن تي 195 گرائونڊ مينٽيننس سينٽرز قائم ڪيا آهن جڏهن ته ٽي هزار کان وڌيڪ ٽيڪنيشنز جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ته جيئن سڌارن ۽ مرمت جي ضرورت پيش اچڻ تي فوري طور ٽيمن کي متاثر هنڌن تي روانو ڪري سگهجي. مقدس هنڌن تي فراهم ڪيل بنيادي ضرورتن جي حوالي سان ڪمپني ٻڌايو ته ڪمپني 3400 واش روم ڪمپليڪس ۽ 212 موبائل يونٽس فراهم ڪيا آهن جڏهن ته صفائي لاءِ 2500 ڪارڪنن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن.

بقايا 19 رانا ثناءالله

معمولي سفارتي ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ جنگ بندي جي صورتحال ممڪن ٿي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار مسلسل عالمي قيادت سان رابطي ۾ آهن ۽ پاڪستان جي سنجيده سفارتي ڪوشش کي سڄي دنيا ساراهي رهي آهي جڏهن ته اها جنگ بندي آئنده به برقرار رهڻ جي اميد آهي ۽ خطي ۾ پائيدار امن جا امڪان روشن ٿي رهيا آهن گذريل ڏينهن نجي ميڊيڪل ڪاليج جي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪانپوءِ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي رانا ثناء الله چيو ته پاڪستان هميشه خطي ۽ دنيا ۾ امن جو خواهشمند رهيو آهي ۽ موجوده عالمي صورتحال ۾ به پاڪستان ذميوار رياست جو ڪردار ادا ڪندي ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ ڀرپور سفارتي ڪوشش ڪيون هن چيو ته دنيا اڄ پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت جي بصيرت ۽ دور انديشي کي مڃي ٿي ۽ اها تعريف صرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تائين محدود ناهي پر سعودي عرب، ايران سميت ٻيا ڪيترائي ملڪ به پاڪستان جي امن جي ڪوشش کي قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا هن چيو ته آبنائي هرمز جي بندش ۽ آمريڪا ناڪابندي جهڙا خدشا جلد ختم ٿي ويندا ڇاڪاڻ ته جنگ ڪنهن مسئلي جو حل ناهي.

بقايا 20 رفيق دائود جٽ

ابراهيم حيدري رفيق دائود جٽ عالمي يوم ڪرونا جي موقعي تي ماهيگيرن جي نالي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيو آهي ته ڪرونا سڄي عالمي سطح تي غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ معيشت جي مستحڪم بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي هن چيو ته سنڌ جي ساحلي پٽي ڪرونا سڄي جي وسيلن سان مالا مال آهي جنهن مان قيمتي زرمبادلو حاصل ڪري سگهجي ٿو. رفيق دائود جٽ موجب سنڌ حڪومت ماهيگيرن جي ڀلائي ۽ کين جديد ٽيڪنالاجي جي فراهمي لاءِ قدم کڻي رهي آهي ته جيئن انهن جي پيشاوراڻي صلاحيتن ۾ اضافو ٿي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪرونا سڄي جي ذخيرن جي تحفظ لاءِ پائيدار ماهيگيري جي اصولن تي عملدرآمد يقيني بڻايو پيو وڃي ۽ غير قانوني ۽ ممنوع جالن جي استعمال جي روڪٿام لاءِ حڪومت اڳڀرا قدم کڻي رهي آهي ته جيئن سامونڊي حيات جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. رفيق دائود جٽ چيو ته ڪرونا سڄي جي برآمدات ۾ واڌ لاءِ حڪومت عالمي معيار مطابق پروسيسنگ يونٽن جي قيام کي هٿي ڏئي رهي آهي جنهن سان نه صرف معيشت کي فائدو ٿيندو پر ماهيگيرن لاءِ به نوان موقعا پيدا ٿيندا. هن چيو ته ماهيگير اسان جي سامونڊي وسيلن جا محافظ آهن ۽ انهن جي تربيت ۽ ترقي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن. عالمي يوم ڪرونا ملهائڻ جو مقصد سامونڊي حيات جي تحفظ ۽ معاشي ترقي جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ آهي. ۽ حڪومت ان حوالي سان سنجيده قدمن ذريعي ايندڙ نسلن لاءِ سامونڊي وسيلا محفوظ بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 21 شڪ ظاهر

علائقن مان مبينا طور نشي جي زيادتي سبب فوتگين جا ڪيترائي واقعا سامهون آيا آهن جنهن دوران مجموعي طور 06 ڄڻن جا لاش هٿ آيا آهن تفصيل موجب گارڊن فاطمه جناح اسڪول ماهرا گارڊن جي ويجهو هڪ نامعلوم شخص جو لاش مليو جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي رنڇوڙ لائن الشفا ڪلينڪ جي ڀرسان به هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو جڏهن ته نمائش پيپلز چورنگي ويجهو به هڪ ٻئي شخص جو لاش مليو جنهن جي سڃاڻپ تاحال نه ٿي سگهي آهي ڪلفٽن نيلم ڪالوني گلي نمبر 20 جي هڪ گهر مان هڪ نوجوان جو لاش هٿ آيو جنهن جي سڃاڻپ اسد طور ٿي آهي ساڳي طرح قيوم آباد KPTبرج ويجهو فٽ پاٿ تان هڪ شخص جو لاش مليو جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي سهراب گوٺ پل هيٺان به هڪ ٻئي شخص جو لاش هٿ آيو آهي، جنهن جي سڃاڻپ اڃا تائين جاري آهي. پوليس موجب ابتدائي طور تي واقعن ۾ نشي جي زيادتي جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي جڏهن ته اصل سببن جي ڄاڻ پوسٽ مارٽم رپورٽ ڪانپوءِ سامهون ايندي تحقيقات جاري آهي.

بقايا 22 193روپين جي واڌ

جي في تولو قيمت ۾ 193 روپين جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب گذريل ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 200 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 83 هزار 7 سئو 62 روپين جو ٿي ويو جيڪا گذريل ڏينهن 4 لک 83 هزار 962 روپيا هئي اهڙي طرح 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 172 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 4 لک 14 هزار 919 روپين مان گهٽجي 4 لک 14 هزار 747 روپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت به 158 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 80 هزار 356 روپين مان گهٽجي 3 لک80 هزار 198 روپيا ٿي وئي عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي قيمت 2 ڊالر گهٽتائي ڪانپوءِ 4 هزار 616 ڊالر في اونس مان گهٽجي 4 هزار 614 ڊالر ٿي وئي ٻئي طرف في تولو چانديءَ جي قيمت ۾ واڌ ڏٺي وئي ۽ في تولو چاندي 193 روپيا مهانگي ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ چاندي جي في تولو قيمت 8 هزار 14 روپين تائين پهچي وئي جڏهن ته 10 گرام چانديءَ جي قيمت 165 روپين جي واڌ ڪانپوءِ 6 هزار 870 روپيا ٿي وئي عالمي مارڪيٽ ۾ چانديءَ جي قيمت به 1.93 ڊالر اضافي سان 73.37 ڊالرز مان وڌي 75.30 ڊالر في اونس تائين وڌي وئي.

بقايا 23 نغمو رليز ڪيو ويو

خاص تقريبون جاري آهن معرڪه حق جي پهرين ورسي جي سلسلي ۾ آءِ ايس پي آر پاران واجد سعيد ۽ ريٽور جي آواز ۾ خاص نغمو هم چٽانين طوفان آنڌين ڪي طرح، هم ٽوٽي دشمن پي بجلين ڪي طرح، رليز ڪيو ويو آهي اهو نغمو معرڪه حق کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي پيش ڪيو ويو آهي نغمو پاڪ فوج جي جرئت بهادري ۽ قرباني ۽ لازوال خدمت کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪري ٿو جڏهن ته نغمي ۾ پاڪستاني قوم جي عزم، حوصلي ۽ ثابت قدمي جي عڪاسي ٿئي ٿي اهو گيت ان حقيقت کي مضبوطي سان بيان ڪري ٿو ته قوم هميشه پنهنجي فوج سان گڏ آهي.

بقايا 24 صدر چونڊجي ويو

ڪي سينئر نائب صدر غلام نبي چانڊيو ڪي سيڪريٽري جنرل ۽ تنوير شوڪت کي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو جڏهن ته عارف بلوچ کي فنانس سيڪريٽري، منزه سهام کي انفارميشن سيڪريٽري، قاضي اسد عابد (نائب صدر سنڌ)، شڪيل ترابي (نائب صدر راولپنڊي/اسلام آباد)، ميان احمد حسن (نائب صدر پنجاب)، طاهر فاروق (نائب صدر خيبر پختونخوا) ۽ انور ساجدي (نائب صدر بلوچستان) چونڊيا ويا جوائنٽ سيڪريٽرين ۾ منير بلوچ (بلوچستان)، مقصود يوسفي (سنڌ)، تنوير صديقي (خيبر پختونخوا)، بابر نظامي (پنجاب) ۽ يحيٰ سدوزئي (راولپنڊي/اسلام آباد) شامل آهن اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي ٻين چونڊيل ميمبرن ۾ حميد حسين عابدي، سردار محمد سراج، شير محمد خاور، عبدالرحمان منگريو، ضياء تنولي، مدثر اقبال، شهزاد امين، عرفان اطهر، ذوالفقار احمد راحت، عبدالسلام ٻٽ، ممتاز احمد صادق، فقير منظار منگريو، اياز خان ميمڻ، اياز ميمڻ، ڊاڪٽر مبارڪ علي ۽ ٻيا شامل آهن زبير محمود، مسعود خان، فضل حق، علي احمد ڍلون، عبدالخالق علي، تيمور عباس، سيد انتظار حسين زنجاني، ميان اسلم، حمزه علي افغان ۽ محمود عالم خالد اهڙو اعلان ٽن رڪني اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين علي رضا لهڙي نون چونڊيل ميمبرن کي مبارڪباد پيش ڪندي ڪيو ڪميٽي جي ٻين ميمبرن ۾ بلال اسلم ۽ عبيد عليم شامل هئا جڏهن ته ٻه رڪني ثالثي ڪميٽي جي چيئرمين حسن عباس ۽ ميمبر وزير زاده هئا. ساليانو جنرل اجلاس ۾ پرنٽ ميڊيا جي مستقبل، ڊجيٽل ميڊيا جي واڌاري اثر ۽ ميڊيا انڊسٽري کي درپيش معاشي مشڪلاتن تي ڌيان ڏنو ويو اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي نئين چونڊيل صدر ڪاظم خان عالمي پريس فريڊم ڊي بابت ڳالهائيندي چيو ته 2026، جيڪو پريس فريڊم جي تحفظ ۽ مزاحمت جي سال طور ملهايو ويندو چيو ته مزاحمت گهر کان شروع ٿيندي اسان جعلي خبرن جي پروپيگنڊا ڪندڙن ذمي اخبارن، سياسي پارٽين ۽ ادارن جي پگهار تي بيانيه ڏاهڻ وارن جي مزاحمت ڪنداسين، هر ليکڪ هر اسپيڪر ۽ ڪئميرا جي سامهون ويهڻ ۽ خود ساخته دانشمندي لاڳو ڪرڻ وارو صحافي نه ٿي سگهي عزت ڏيندڙ صحافت اڄ خطري ۾ آهي طاقتور پنهنجي آڱرين سان کيڏي رهيا آهن هن چيو ته جيڪي صحافين کي ڏينهن جي روشني ۾ انهن جي آفيسن کي بلاڪ ڪري ڌمڪيون ڏين ٿا انهن کي بند ڪيو وڃي اجلاس جي شرڪت ڪندڙن زور ڏنو ته جيتوڻيڪ ڊجيٽل ميڊيا تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي پرنٽ ميڊيا هڪ مستند ۽ دستاويزي ذريعو جي حيثيت سان پنهنجي حيثيت برقرار رکندو اجلاس ۾ خدشو ظاهر ڪيو ويو ته سرڪاري اشتهارن جي ورڇ ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي جنهن جي ڪري اخبارون ۽ رسالا مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن بجيٽ ۾ ڪٽوتين ۽ اشتهارن جي حصي ۾ گهٽتائي خاص طور تي علائقائي اخبارن لاءِ هڪ سنگين مسئلو قرار ڏنو ويو مقررين مطالبو ڪيو ته حڪومت پرنٽ ميڊيا کي سبسڊي يا مالي مدد فراهم ڪري، اشتهارن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائي علائقائي اخبارن لاءِ مخصوص ڪوٽا بحال ڪري ۽ ميڊيا انڊسٽري لاءِ هڪ واضح ۽ شفاف پاليسي تيار ڪري اجلاس ۾ ڊجيٽلائيزيشن بابت تجويزون پڻ پيش ڪيون ويون جن ۾ سي پي اين اي جي تحت هڪ موثر ڊجيٽل پليٽ فارم قائم ڪرڻ ڊجيٽل رسائي وڌائڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي اختيار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته جعلي خبرن جي وڌندڙ رجحان کي منهن ڏيڻ لاءِ مستند صحافت کي فروغ ڏيڻ ضروري آهي ان حوالي سان پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي عوامي اعتماد جو مرڪز قرار ڏنو ويو اجلاس ۾ تنظيمي سڌارن ميڊيا پاليسي ۽ مالي ڍانچي تي کليل بحث ڪيو ويو ۽ اتفاق ڪيو ويو ته سي پي اين اي کي موجوده حالتن مطابق جديد خطن تي پنهنجي حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي اجلاس ۾ پرنٽ ۽ ڊجيٽل ميڊيا کي ضم ڪري هڪ مضبوط، پائيدار ۽ قابل اعتماد ميڊيا سسٽم قائم ڪرڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو ته جيئن صحافت جي معيار کي برقرار رکي سگهجي ۽ جمهوري قدرن کي فروغ ڏئي سگهجي ان موقعي تي سي پي اين اي جي پياري اڳوڻي سيڪريٽري جنرل مرحوم امير محمود جي ياد ۾ هڪ خاص تعزيتي اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سندس پٽ تيمور امين صدر ڪاظم خان ۽ سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو ۽ ٻين ميمبرن امير محمود جي پريس جي آزادي، اظهار جي آزادي ۽ سي پي اين اي لاءِ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو اجلاس جي آخر ۾ نئين چونڊيل صدر ڪاظم خان ۽ سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو اجلاس جي سڀني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سي پي اين اي سيڪريٽريٽ جي عملي جي خدمتن کي ساراهيو وزيراعظم شهباز شريف، پنجاب وزير اعليٰ مريم نواز، ملڪ احمد خان بابر يوسفزئي، ملڪ احمد خان ۽ ٻين مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 25 نشي جي زيادتي

سنڌ ۾ سدائين سچ لکندڙ صحافين کي لٽ يا چٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي لٽ جي پرواهه نه ڪندي چٽ کي ٺڪرائي صحافتي فرض نڀائيندڙ صحافين کي قتل ڪيو وڃي ٿو خوني حملا ڪيا وڃن ٿا، ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي انهن کي گرفتار ڪري ٿاڻن تي ڌوهارين وانگر تشدد ڪيو وڃي ٿو يا وري جيل ۾ موڪلي پوليس کان به تشدد ۽ طرح طرح جون جٺيون ڪرايون وڃن ٿيون صحافين جي مٿ ملڻن کي انتقامي ڪاروائين جو شڪار بڻايو وڃي ٿو ڪيترن ئي صحافين مٿان مختلف ٿاڻن تي دهشتگرديءَ جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ماضيءَ ۾ ڪنهن به اخبار جو رپورٽر ٿيڻ لاءِ اخباري ادارا باقائده انٽرويو ڪندا هئا، چند چاڻ ٿيندي هئي پر هاڻ چند وڏن ميڊيا ادارن ڪانسواءِ اهو سلسلو ختم ٿي ويو آهي هاڻ ته ٻيون اخبارن جون پنج ڪاپيون گهرايون خاص موقعن تي اشتهار وٺرائي ڏيو ۽ رپورٽر ٿي وڃو هن وقت سنڌ ۾ سوين ويب ٽي وي ۽ يو ٽيوب اخبارن جا، جيڪي هزارين رپورٽر ٿيا آهن اهي به صحافي سڏائين پيا. سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ وڏن شهرن کي ڇڏي باقي شهرن ڳوٺن جا جيڪي صحافي آهن اڄ به تلي وارين وڏين پراڻين اخبارن جي ورڪرن کي 20 کان 50 سيڪڙو پگهارون ملن ٿيون بلڪ حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ صحافين کي پگهار جي تلي تي خرچ پکو ڏئي ڪم هلايو پيو وڃي سنڌ سميت سڄي ملڪ جا صحافي نه صرف قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سردارن، ڀوتارن، مذهبي گروهن سياسي پارٽين ۽ تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ ڪرپٽ ماڻهن جي هٿان تشدد جو نشانو بڻجندا رهن ٿا صحافين کي ڪٿي يرغمال بڻائي تشدد ڪرڻ کان وٺي طرح طرح جون تڪليفن جو نشانو بڻايو وڃي ٿو صحافت جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندڙ هر دور جي حڪمرانن پاران پروفيشنل صحافت ڪندڙ اخبارن تجي ٽي وي جيئلن جي معاشي رستا روڪ ڪندي سرڪاري اشتهار بند ڪري اشتهارن جون بقاياتون روڪي اخبار ۾ ڪم ڪندڙن کي ملي مشڪلاتن جو شڪار ڪندا رهيا آهن مشرف دور ۾ موجوده صدرِ پاڪستان آصف علي زرداري پاڻمرادو جلاوطني ختم ڪري ملڪ پهتو ۽ لطيف سائين جي مزار تي آيو ته مونکي ساڻس مختصر ملاقات جو موقعو مليو جتي مون کين (آصف علي زرداري) کي عرض ڪيو ته سنڌ جي صحافين جون جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ وڏيون قربانيون رهيون آهن لطيف سائين جي دربار ۾ دعا ٿا ڪريون ته ايندڙ دور پ پ جو هوندو، مهرباني ڪري صحافين جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۽ صحافين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪجهه ڪم ڪرڻ جي مهرباني ڪجو پاڻ لطيف جي پڙ ۾ واعدو ڪيائين ته 'حڪومت ۾ اچڻ ڏيو ائين ٿيندو' صدرِ پاڪستان آصف علي زرداري، جنهن لاءِ مشهور آهي ته هو ڪيل هر واعدو وفا ڪندو آهي پر سنڌ جي صحافين جي اشو تي ڪيل واعدو هن اڄ ڏينهن تائين وفا ناهي ڪيو صحافت جا فرض ادا ڪندي شهيد ٿيندڙ صحافين ۽ سڄي صحافت ڪندڙن کي سلام پيش ڪريون ٿا.

سنڌ جي موجوده صورتحال ۽ حڪمرانن جو امتحان!


اوشاق علي بليدي

سنڌ رڳو مٽيءَ جي هڪ ٽڪري جو نالو ناهي پر اها هڪ اهڙي قديم ماءُ آهي، جنهن جي جهوليءَ ۾ تهذيبن جنم ورتو پر افسوس ته تاريخ جي هر دور ۾ هن ماءُ جي جهوليءَ کي رت سان وهنجاريو ويو آهي. جڏهن اسان سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ اسان جي نصيب ۾ رڳو 'انتظار' لکيل آهي، پاڻيءَ جو انتظار، انصاف جو انتظار ۽ پنهنجي ئي ديس ۾ اجنبي نه ٿيڻ جو انتظار. سنڌوءَ جو وهڪرو سنڌ جي رڳن ۾ ٻوڙيندڙ رت وانگر هو پر اڄ اهو رت سڪي چڪو آهي. مٿانهين وهڪرن تي جڏهن ڪوٽڙي، گڊو ۽ سکر بيراجن کان مٿي ڊيم اڏيا ويا ته اهو رڳو پاڻي نه روڪيو ويو پر هڪ پوري قوم جي ساهه جي رڳ تي لت رکي وئي.

سمنڊ جو ڪاري پاڻي جڏهن سنڌ جي سائي پٽي (ڇپڙيءَ) تي حملو ڪيو ته لکين ايڪڙ آباد زمينون اڇي ڪلر ۾ تبديل ٿي ويون. اهي ماڻهو جيڪي 'ڪٽڪ پوکڻ جا ماهر' سڏيا ويندا هئا، اڄ شهرن جي ڪارخانن ۾ پگهر وهائي هن ويلن جي مانيءَ لاءِ واجهائين ٿا. اڄ جڏهن ڪو سنڌي ماڻهو سنڌو درياهه جي پٽ تان گذري ٿو ته کيس لهرن جي موسيقيءَ بدران اڏامندڙ دوڙ جي سسئيءَ جهڙي ڪوڪ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. اهو درياهه جيڪو سڪندراعظم کي لوڏي ويو هو اڄ پنهنجي ئي پيٽ ۾ مئل مڇين جو لاش کڻي بيٺل آهي.

وسيلن جي ڦرلٽ: سنڌ جي مٽي سونهاري آهي. ان جي پيٽ ۾ گئس جا ذخيرا آهن، تيل جا تلاءُ آهن ۽ ڪوئلي جا جبل آهن. پر اها ڪهڙي ستم ظريفي آهي جو جتان گئس نڪري ٿي، اتي جي مقامي ماڻهن جا گهر اڄ به اونداهيءَ ۾ ٻڏل آهن ته جتي اڳي رڳو پاڻيءَ جي کوٽ هئي، اتي هاڻي 'ڪارو سون' (ڪوئلو) نڪتو آهي. پر ڇا ان جو فائدو ٿر جي ان مارواڙن کي مليو جنهن جي پيرن ۾ ليڙون آهن؟ ٿر جا ٻار اڄ به غذائي کوٽ سبب مري رهيا آهن. ڪوئلي جي ڪارخانن جو زهريلو پاڻي ٿر جي واريءَ سي زمين کي زهريلو بڻائي رهيو آهي. سنڌ ملڪ کي 70 سيڪڙو کان وڌيڪ روينيو ڏئي ٿو پر موٽ ۾ کيس رڳو لاش، تباهه ٿيل رستا ۽ گندي پاڻيءَ جا نيڪال ملن ٿا. اها ناانصافي روح کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ آهي ته ماني اسان جي هجي ۽ دسترخوان تي قبضو وري ڌارين جو هجي. سڀ کان وڏو ظلم اهو ناهي ته توهان کان ماني کسي وڃي پر وڏو ظلم اهو آهي ته توهان کان 'شعور' کسيو وڃي ته جيئن توهان پنهنجي ماني جو سوال به نه ڪري سگهو. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اسڪولن جي حالت ڏسي اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا. سنڌ جا مقامي وڏيرا، سردار ۽ ڀوتار، جيڪي اقتدار جي ايوانن ۾ ويهي نالي ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪن ٿا، تن پنهنجي ئي علائقي جي اسڪولن کي اوطاقون بڻائي ڇڏيو آهي. استاد پگهارون کڻن ٿا پر اسڪول ۾ ٻارن بدران مينهون ۽ ٻڪريون ٻڌل هونديون آهن.

هڪ پوري نسل کي 'نڪمو' بڻايو ويو آهي. امتحانن ۾ ڪاپي ڪرڻ يا نقل ڪرڻ جي ڪلچر ۽ ناقص تعليمي نظام ذريعي سنڌي نوجوانن جي هٿن مان قلم کسي ڪين بيروزگاريءَ جي اونداهيءَ ڪڏ ۾ اڇلايو ويو آهي. جڏهن ذهن مري وڃي ٿو ته قوم مري وڃي ٿي. سنڌ جي اسپتالن ۾ وڃڻ جو مطلب پنهنجي عزت ۽ نفس کي ماري موت جي منهن ۾ وڃڻ آهي. 'هتي مائون پنهنجي هنج ۾ پنهنجي لعل کي تڙپندي ڏسن ٿيون ڇاڪاڻ ته اسپتال ۾ نه آڪسيجن آهي، نه وري ڪتي جي چڪ جي ويڪسين.' لاڙڪاڻي کان ڪراچيءَ تائين سنڌ جو ماڻهو علاج لاءِ در در جون ٺوڪرون کائي ٿو سنڌ جا وسيلائتي وڏا وڏا شهر نه ٻڌا ويا آهن پر سنڌي ماڻهو اڄ به ڪٽ تي لاش کڻي ڪلوميٽرن جا پنڌ ڪري ٿو.

ظلم رڳو جسماني ناهي هوندو پر نفسياتي به هوندو آهي. سنڌ جي ٻولي جيڪا هزارين سال قديم آهي، ان کي لڳاتار گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهو اڄ پنهنجي ئي ديس ۾ 'اقليت' بڻجڻ جي خوف ۾ ورتل آهي. مردم شماريءَ ۾ ٿيندڙ هيرا ڦيري هجي يا لڳاتار ڌارين جي يلغار، سنڌ جي ڊيموگرافيءَ کي تبديل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. اڄو نه هڪ افسانوي پر حقيقي ڪردار سان ملون. جاويد، جيڪو ريس ڪئنال جي هڪ سڪل واهه جي ڪناري ويٺل آهي. سندس هٿن جون لڪيرون ايترون ئي گهريون آهن، جيترون سنڌوءَ جي پيٽ جون ڏارون. قربان پنهنجي ڳوٺ ڳيريلي کان شهر نوڪريءَ لاءِ ويو هو پر اتي کيس 'سنڌي' هجڻ جي ڏوهه ۾ يا وري ڪنهن ڀتاخور جي گوليءَ جو نشانو بڻايو ويو. قربان جي پاءُ جي زمين سمنڊ جو ڪارو پاڻي کائي ويو. سندس پاءُ جو لاش ڪيس مليو ۽ هاڻي هو ان واهه جي سڪل مٽي هٿن ۾ کڻي آسمان ڏانهن ڏسي ٿو ته سندس خاموشيءَ ۾ هڪ اهڙي رڙ آهي، جيڪا عرش کي لوڏي سگهي ٿي. هو پڇي ٿو: 'اي سنڌو! توڻ مٺين يا اسين مري وياسين؟' ڇا قيامت کان اڳ قيامت ناهي؟

سنڌ تي ٿيندڙ اهو ظلم ڪا ڪهاڻي ناهي پر هڪ لکيل تاريخ آهي. جيڪا اڃا تائين رت سان لکي پئي وڃي، هتي جي ماڻهن جي مٽي سڙڪي ٿي، هتي جون زمينون...


اڄوڪو ڏينهن ـ 03 مئي

سوڀو گيانچنداڻي



اڄ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جهڙي اعلى شخصيت جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن عظيم مدبر، فلاسافر ۽ برک اديب تاريخ 3 مئي 1920ع تي موهن جي دڙي ويجهو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ بنديءَ ۾ اکيون کوليون هن ابتدائي تعليم ٻگي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ان بعد هو قمبر ۽ لاڙڪاڻي جي اسڪولن ۾ پڙهيو ان بعد اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين 1939ع ۾ رابندرناٿ ٽئگور جي شانتي نڪيتن ڪاليج (Shantiniketan College) ۾ داخلا ورتائين انهيءَ اسڪول ۾ ٽئگور سميت نامي ڪئي جي وڏن استادن ۽ مفڪرن جي صحبت ۾ رهيو ٽئگور کيس موهن جي دڙي جو ماڻهو ڪوٺيندو هو 1942ع ۾ هو هڪ انقلابي ڪميونسٽ اڳواڻ بڻجي سنڌ موٽيو هيءُ اهو دور هو جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ جوٽ چڙهي چڪي هئي ۽ هر طرف هندستان خالي ڪريو جا نعرا گونجي رهيا هئا انهيءَ تحريڪ ۾ سوڀي به ڀرپور حصو ورتو 1942ع کان 1946ع تائين ڪيس جيل جون سختيون برداشت ڪرڻيون پيون پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وڌي وئي ۽ هن کي 1948ع کان 1952ع تائين ۽ ان کان پوءِ به ڪئين ڀيرا جيل موڪليو ويو 1970ع ۾ قانون جي سند حاصل ڪري وڪيل ٿيو هن سڄي عمر هارين مزدورن ۽ ڏتڙيل عوام جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو هو هڪ حساس ليکڪ به هو هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ٻيا ليک لکيا. سنڌس ڪتابن ۾ 'ڪڏهن بهار ايندو' (ڪهاڻيون)، 'تاريخ جا وساريل ورق' (ڪالم)، 'تاريخ ڳالهائي ٿي' (ڪالم ۽ مضمون)، 'وڏي وٿ هيام' (ڪالم خاڪا)، 'سوڀي جون تحريرون' ۽ 'روشنيءَ جي پنڌ ۾' (آتم ڪٿا) شامل آهن هو 8 ڊسمبر 2014ع تي پرلوڪ پڌارو ٿي ويو

شاهه محمد ڳلاهي



شاهه محمد ڳلاهي لائبريري سائنس جو ماهر ۽ سٺو ليکڪ هو هن 3 مئي 1939ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ مڏباهوءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو پهرين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين اڳتي هلي لائبريري سائنس ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1958ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت سان ڪئي 1970ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ لائبريرين مقرر ٿيو ۽ 1999ع ۾ رٽائر ٿيو هن سنڌ لائبريري ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو ۽ پاڻ ئي انهيءَ جو پهريون صدر ٿيو 2009ع ۾ 'ڪوثر پبليڪيشن' جو پايو وجهي ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيائين هو پاڻ به هڪ بهترين ليکڪ هو ۽ لائبريري سائنس ۽ ٻين موضوعن تي ويهارو کن ڪتاب لکيائين سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي



هن نامور تعليمي ماهر، محقق ۽ ليکڪ جو جنم 3 مئي 1942ع تي سنڌ جي شهر سيوهڻ شريف ۾ ٿيو [...]


ڪتاب مرهٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان مرهٽي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا هن 9 آگسٽ 2023ع تي لاڏاڻو ڪيو.

اياز عالم ابڙو




اڄ مشهور چترڪار، وڊيوگرافر، خطاط ۽ ليکڪ اياز عالم ابڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 3 مئي 1950ع تي قمبر علي خان ۾ ڄائو هن مئٽرڪ جو امتحان ميونسپل هاءِ اسڪول قمبر ۽ انٽرميڊيئٽ ڊرائنگ گريڊ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. هن عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪئي هو 'روزاني عبرت اخبار' ۾ آرٽ ڊائريڪٽر، ڪيليگرافر ۽ ڪارٽونسٽ طور ڪم ڪيو هين به ڪيترين ئي اخبارن ۾ فوٽوگرافر ۽ آرٽسٽ طور ڪم ڪيائين ان کان علاوه هن ايم اين جي ڪميونيڪيشن انٽرنيشنل ۾ ڪنسيپٽ رائيٽر ۽ آرٽسٽ طور ڪم ڪيو. هن سنڌالاجي ۾ آڊيو وزيوئل ايڊس جي انچارج ۽ انڊس سولائيزيشن آرگنائيزيشن ۾ ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هو ماهوار نئون دور ۽ هفتيوار سرتاج ميرپورخاص جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما ۽ دستاويزي پروگرام لکيا. سنڌس لکيل دستاويزي فلم 'ميربحر' کي 1982ع ۾ جرمنيءَ ۾ منعقد ٿيندڙ ميلي ۾ پهريون انعام مليو انهيءَ فلم ۾ ميربحر جو ڪردار هن پاڻ ادا ڪيو.

محمد قاسم ماڪا



محمد قاسم ماڪا سنڌ جي موسيقيءَ جي خزاني کي محفوظ ڪرڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي اڄ سنڌس سالگره جو ڏينهن آهي هن 4 مئي 1954ع تي تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ ماڪا ۾ اکيون کوليون ابتدائي تعليم قاضي واهڻ ۽ لکي غلام شاهه مان حاصل ڪيائين هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان مئٽرڪ ۽ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشل ورڪس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن 1973ع کان 2002ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ ميزبان، ليکڪ ۽ صداڪار طور ڪم ڪيو پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ سنڌس پروگرام 'سر جو سفر' ڏسندڙن ۾ ڪافي مقبول ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ريسرچ آفيسر طور ڪم ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌ لاجيءَ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هن ناياب سنڌي موسيقيءَ کي سهيڙي ڪيسٽن ۽ سي ڊيز ۾ محفوظ ڪيو ۽ انهيءَ ذخيري کي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو.

پاويل جوٽيجو



هن ناميارو صحافيءَ ليکڪ ۽ سياسي ڪارڪن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي ڳوٺ گهاڙي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿيو سنڌس اصل نالو الهڏنو ولد سليمان جوٽيجو هو هو ادبي ۽ صحافتي حلقن ۾ هڪ مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور مشهور هو هن ڪيترائي ڪتاب [...]



مختيار انڙ

شهر موري ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئٽ جا امتحان ترتيبوار موري جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۽ مهراڻ ڪاليج موري مان پاس ڪيا مصطفي اورينٽل ڊگري ڪاليج نوان جتوئيءَ مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جي سند شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور ميرس مان حاصل ڪيائين هن پرائمري اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي



ايس تسيم 1992ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌس شاعري پهريون ڀيرو 'روزاني جاڳو اخبار' ۾ شايع ٿي هن جون لکڻيون لاڳيتو سنڌ جي مختلف اخبارن رسالن جي پنن تي پوئجنديون رهن ٿيون سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ 'چنڊ سنڌوءَ ۾' (شاعري) ۽ 'فڪر جي سفر ۾' (مضمون ۽ انٽرويو) شامل آهن ان کان علاوه گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن 'مهڪيا گل گلابي'، 'سنڌ جون چوٽ عورت شاعرائون' ۽ 'گرد جا گلاب' ۾ پڻ سنڌس شاعري شامل آهي

صنم علي



اڄ مشهور گلوڪاره، شاعره ۽ ٽڪ ٽاڪر صنم علي پنهنجي سالگره ملهائي رهي آهي هن جو جنم 3 مئي 2002ع تي ميرپورخاص شهر ۾ ياسر شيخ جي گهر ۾ ٿيو هن کي ننڍي هوندي کان ئي ريڊيو، ٽي وي ڊرامن ۽ فلمن سان دلچسپي رهي ڳلوڪاري شاعري به سنڌس شوق رهيو هن پنهنجي ئي شاعري پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪئي سنڌس شاعريءَ ۽ سنگيت جو شوق ڏسي هن جي والد کيس ماستر لال گل وٽ موڪليو جنهن کيس موسيقيءَ جا ابتدائي سبق سيکاريا والد جي وفات کان پوءِ مشهور اديب رياض ميمڻ هن جي سرپرستي ڪئي هن جا انٽرويو مختلف اخبارن ۾ شايع ڪرايا ۽ هن جي ڳايل گيتن کي سوشل ميڊيا تي مقبول ڪرڻ ۾ هن جي مدد ڪئي اڳتي هلي هن حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ماستر غلام حيدر کان موسيقيءَ جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي هن فقط ٿورڻ هن جا ڪيترائي البم ۽ گيت رڪارڊ ٿي چڪا آهن

ماسٽر محمد ابراهيم



3 مئي 1977ع جو ڏينهن سنڌ واسين لاءِ تمام گهڻي ڏک ۽ رنج جو ڏينهن ثابت ٿيو ڇاڪاڻ جو انهيءَ ڏينهن تي سنڌي موسيقيءَ جو بادشاهه استاد محمد ابراهيم اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هو هيءُ عظيم فنڪار تاريخ 13 جون 1920ع تي هندستان جي ڪڇ رياست ۾ ڄائو سنڌس والد جو نالو احمد هو موسيقيءَ سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ ترانا ڳائڻ ۽ اسڪول جي تقريبن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ هميشه اڳڀرو رهيو والد جي وفات کان [...]

۽ پوءِ احمدآباد ۾ پنڊت گرو لال وياس کان حاصل ڪئي استاد محمد ابراهيم جي سڄي حياتي سنگيت ۽ موسيقيءَ جي خدمت ڪندي گذري، هن سنڌي سنگيت ۾ نواڻ ۽ آواز جي سوز سان تازگي پيدا ڪئي سنڌس ڳايل وايون ۽ ڪافيون واقعي لازوال آهن هن شاهه سائينءَ ۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو هن پنهنجي رهنمائيءَ ۾ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا، جن موسيقيءَ جي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو انهن مان مرحوم اميربخش، سشيلا مهتاڻي، روبينه قريشي، عبدالله ڪچي ۽ عبدالله پنهور خاص ذڪر جي لائق آهن هن عمر مارئي، پرديسي ۽ ڪجهه ٻين سنڌي فلمن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو سنڌي موسيقيءَ جو هي انمول هيرو اسان کان 3 مئي 1977ع تي وڇڙي ويو

عبدالواحد عاجز



عبدالواحد عاجز مولودن جو وڏو شاعر هو سنڌس پورو نالو عبدالواحد ولد الهه بخش پيرو ۽ تخلص عاجز هو سنڌس جنم 10 جنوري 1924ع ۾ شڪارپور ضلعي جي مشهور شهر رستم ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ گلوڪڻ قرآن شريف ناظره، عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي اڳتي هلي پي ٽي سي جو امتحان به پاس ڪيائين هن پرائمري اسڪول جو استاد بڻجي قوم جي ننهن جي علم جي آبياري ڪئي ۽ 1983ع ۾ رٽائر ٿيو هن جو لاڙو سڄي عمر دين ۽ مذهب طرف رهيو عمر جي آخري حصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي شان ۾ مولود شريف لکڻ شروع ڪيائين سنڌس مولود ادبي دنيا ۾ گهڻو مشهور ٿيا هن بزرگ شاعر ۽ انمول استاد 3 مئي 1991ع تي دم ڏئي حوالي ڪيو

منصور بلوچ



اڄ ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار منصور بلوچ جي وفات جو ڏينهن آهي هن ضلعي شهيد بينظيرآباد جي ڳوٺ عبدالله خان لنڊ ۾ 1942ع ۾ اکيون کوليون هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات سنڌي فلم 'تنهنجون ڳالهيون سڄڻ' سان ڪئي ٽيليويزن تي کيس پروڊيوسر ذوالفقار نقويءَ ڊرامي انڪوائري آفيسر ۾ متعارف ڪرايو هن ڊراما سيريل جنگل ۽ ديوارين ۾ ڪمال جي اداڪاري ڪئي ديوارين ۾ بهترين اداڪاريءَ تي کيس پي ٽي وي ايوارڊ به مليو هن 3 مئي 1994ع تي وفات ڪئي

عبدالواحد آريسر



اڄ مشهور قومپرست اڳواڻ ۽ ناميارو ليکڪ عبدالواحد آريسر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 11 آڪٽوبر 1949ع تي عمرڪوٽ تعلقي جي ريلوي اسٽيشن هاسيسر ويجهو آباد ڳوٺ انڙآباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ساپهر حاصل ڪيائين ان بعد مختلف مدرسن ۾ پڙهيو 1968ع ۾ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد مان مولوي عربيءَ جو امتحان پاس ڪيائين هو ڪجهه وقت حيدرآباد جي مسجدن ۾ پيش امام ۽ خطيب رهيو 1969ع ۾ جميعت طلباءِ اسلام ۾ شامل ٿيو 1972ع ڌاري جيئي سنڌ سان سلهاڙجي ويو 1977ع ۾ جيئي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻن ۾ شامل ٿي ويو 1995ع ۾ [...]

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

SUKKUR IBA UNIVERSITY MIRPURKHAS CAMPUS

Last Date for Applying is June 05, 2026



Sukkur IBA University Mirpurkhas Campus invites applications from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following positions:

1. Assistant Professor (Contract/Regular) BPS-19 — Age Limit: 45 Years
- Computer Science
- Business Administration

Minimum Qualification: PhD in the relevant field from HEC recognized University/Institution.

2. Lecturer, Computer Science (Contract/Regular) BPS-18 — Age Limit: 45 Years

Minimum Qualification: 18 years of education (First Class) in Computer Science/Software Engineering/System Engineering from HEC recognized University/Institution with no 3rd division in the academic career.

3. Lecturer, Business Administration (Contract/Regular) BPS-18 — Age Limit: 45 Years

Minimum Qualification: 18 years of education (First Class) in the relevant field from HEC recognized University/Institution with no 3rd division in the academic career.

4. Assistant Director - Finance (Contract/Regular) BPS-17 — Age Limit: 24-35 Years

Minimum Qualification: Minimum 16 years education in Finance/BS/BBA/M.Com/MBA Finance & Accounting/ACCA/ICMA or any other relevant qualification.
Experience: Minimum 3 years of relevant experience

5. Assistant - Network Engineer (Contract/Regular) BPS-16 — Age Limit: 21-28 Years

Minimum Qualification: Bachelor's degree (16 years education) in Computer Science, Computer System, Information Technology, Software Engineering Or equivalent from an HEC-recognized university.
Experience: Minimum 2 years of relevant experience

6. IT - Technician (Contract/Regular) BPS-11 — Age Limit: 21-28 Years

Minimum Qualification: DAE (Diploma of Associate Engineering) in Computer Systems Engineering/Information Technology/ Electronics **OR** Associate **OR** Bachelors Degree (14 years) in IT / Computer Science.
Experience: Minimum 1 - 2 years of relevant experience

GUIDELINES TO APPLY

1. Interested candidates may submit online applications at **http://apply.iba-suk.edu.pk** For further details candidates may visit **https://www.iba-suk.edu.pk/careers.**
2. Candidates shall require to submit challan of **Rs.1,500** (for positions BPS-16 & below), **Rs. 3,000** (for positions BPS-17 & BPS-18), **Rs. 4,000** (for positions BPS-19 & above). After submission of online applications, candidates may download system generated challan (non-refundable) can be deposited in any branch of ABL Bank.
3. Candidates are required to upload their HEC attested degrees / Equivalence certificate issued by HEC, CNIC, domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph, and the deposited challan while applying online.
4. Candidates who are already serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies shall apply through proper channels with NOC from their employer and should submit the same along with the application.
5. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
6. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
7. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Demo/Written Test/Interview at the mailing address. No TA/DA shall be admissible for Demo/Written Test/Interview.
8. The Competent Authority reserves the right to increase or decrease the number of positions and accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.

PID(H) 398/2025

Note: Candidates who have already applied for the above-mentioned positions published in leading newspapers The News, Express and Kawish dated 13-07-2025 are also required to apply again.

HRM SECTION, SUKKUR IBA UNIVERSITY (MAIN CAMPUS)
NISAR AHMED SIDDIQUI ROAD, SUKKUR. PH: 071-5644000, 5644122

SUKKUR IBA UNIVERSITY

Last Date for Applying is June 05, 2026

CAREER OPPORTUNITY



Sukkur IBA University invites applications from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following position:

REGISTRAR (BPS-20)

Tenured Position (for three years extendable based on performance)

Minimum Qualification: 16 years of Education at least First Division, from an HEC recognized University/Institute.
OR: 18 years of Education at least First Division, from an HEC recognized University/Institute.
OR: PhD Degree from an HEC recognized University/Institute.
Experience: In case of 16 years of Education, 17 years experience of Teaching / Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above with at least five years of relevant experience in University / HEI administration.
OR: In case of 18 years of Education at least First Division, 15 years experience of Teaching / Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above with at least five years of relevant experience in University / HEI administration.
OR: In case of PhD Degree, 12 years experience of Teaching / Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above in University / HEI administration"

Guidelines to Apply — **Age Limit: 33-50 Years**

1. Interested candidates may submit online applications at **http://apply.iba-suk.edu.pk** For further details candidates may visit: **https://www.iba-suk.edu.pk/careers.**
2. Candidates shall require to submit challan of **Rs. 4 ,000.** After submission of online applications, candidates may download system generated challan (non-refundable) can be deposited in any branch of ABL Bank.
3. Candidates are required to upload their HEC attested degrees / Equivalence certificate issued by HEC, CNIC, domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph, and the deposited challan while applying online.
4. Candidates who are already serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channels with NOC from their employer and should submit the same along with the application.
5. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
6. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
7. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Written Test/Interview at the mailing address. No TA/DA shall be admissible for Written Test/Interview.
8. The Competent Authority reserves the right to increase or decrease the number of position and accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.

HRM SECTION, SUKKUR IBA UNIVERSITY (MAIN CAMPUS)
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur. Ph: 071-5644000, 5644122

ڪشمور ضلعي ۾ ٻن مختلف روڊ حادثن ۾ ٻه ڊرائيور فوت

بخشاپور لڳ تيز رفتار ڪوچ ۽ مزدا ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو شڪارپور واسي مزدا ڊرائيور فوت

ڪنڌڪوٽ لڳ ٽرڪ ۽ ڪار ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو، ڪار ڊرائيور ٿڏي تي فوت ٿي ويو

لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائين بعد مڙهه وارثن جي حوالي ڪيا ويا

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪشمور ضلعي ۾ روڊ حادثن ۾ ٻه ڄڻا ڊرائيور فوت ٿي ويا آهن ڪنڌڪوٽ لڳ انڊس هاءِ وي رائٽي وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو سامهون ايندڙ ڪار ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



ڪشمور: روڊ حادثن ۾ فوت ٿيل ڊرائيور جو لاش ۽ ٻئي جو فائيل فوٽو

جيڪب آباد ۾ بروهي برادري جي ماڻهن بي زبان جانور ڳڏهه کي زخمي ڪري ڇڏيو

ذاتي دشمني تان جوابدارن ڪهاڙين سان وار ڪري زخمي ڪري ڇڏيو وڊيو وائرل

وڊيو وائرل ٿيڻ بعد وڏي وزير جو نوٽيس، جانور تي تشدد ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل

جيڪب آباد (ڊ ر) انسانيت اڇي دنگ ڪيو ذاتي دشمن جي باهه بي زبان جانور تان ڪڍي وئي جيڪب آباد ۾ بروهي برادري جي ماڻهن ذاتي دشمني تان بي زبان جانور ڳڏهه مٿان ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل، سنڌ جي وڏي وزير جو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو چورن سان مزاحمت دوران گولي لڳڻ سبب نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي سلطان آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ اميد علي دل ۾ رات

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۽ آس علائقن ۾ بدامني ڀيهر وڌي وئي، ڦر ۽ چوري جون وارداتون

هٿيارٻند ڦورن پاران ڊسپينسر ڪان موٽر سائيڪل، موبائل ۽ روڪ رقم ڦر

شهر جي مختلف پاڙن مان سوئي گئس ميٽر ۽ پائپ چوري ٿيڻ جا واقعا

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ اس جي علائقن ۾ بدامني جي باهه ڀيهر ڀڙڪي اٿي ڦر ۽ ٻه چوري جون وارداتون ٿي ويون پوليس امن ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام علائقا ڏوهارين حوالي ان سلسلي ۾ ٺرڙي جادو شهيد ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪاڻيا چنڊڻ تي 3 معلوم هٿيارٻند ڦورن ڳوٺ گل محمد چانڊيو جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي خيرپور پاران ايس ايڇ اوز سميت 14 اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو

منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ ۽ منشيات فروشن جي سهولتڪاري ڪرڻ جي الزام هيٺ معطل ڪيو ويو

معطل ٿيلن ۾ ايس ايڇ او سوراهه عبدالمجيد سڏايو، ايس ايڇ او ڪينهواري ممتاز علي ميرائي ۽ ٻيا عملدار شامل

منشيات ۾ ملوثن سان ڪا به رعايت نه ٿيندي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي جاري رهندي: ايس ايس پي

خيرپور (ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ ۽ منشيات فروشن جي سهولتڪاري ڪرڻ جي الزام هيٺ سوراهه ۽ ڪينهواري ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز سميت 14 پوليس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: ايم پي اي ارباب لطف الله ۽ ارباب امان الله وڏي وزير سان گڏ بيٺل آهن

ارشاد چنا سياست ۽ صحافت جي ميدان ۾ سچائي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو: قمر جتوئي

صحافت آزادي لاءِ جدوجهد ڪندي جيل جون سختيون برداشت ڪيون، اهڙا ماڻهو امر ڪردار هوندا آهن

قمر حيدر جتوئي صحافي ارشاد چنا جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪاري ڪاميٽي جي جهنڊي سان سلامي ڏني وئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ قمر حيدر جتوئي سنڌ جي سينئر صحافي حيدرآباد پريس ڪلب جي سينئر ميمبر ۽ ڪابي ڏر جي سياسي اڳواڻ ارشاد چنا مرحوم جي مزار تي محرابپور ۾ گلن جي چادر چاڙهي ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

دڳهڙي ۾ نوجوان تي مبينا تشدد خلاف وارثن جو آڌو احتجاج

هوٽل تي ڪم ڪندڙ نوجوان سڪندر لنڊ تي مبينا تشدد جو الزام

متاثر جي وارثن طرفان بااثر جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو

دڳهڙي (ن ع) دڳهڙي جي مقامي مارڪيٽ ۾ هوٽل تي ڪم ڪندڙ نوجوان سڪندر لنڊ بلوچ تي گذريل ڏينهن ٿيل مبينا تشدد واري واقعي خلاف نوجوان جي والد سميت ٻيا مٽ مائٽ دڳهڙي پريس ڪلب پهچي سخت احتجاج ڪيو سڪندر لنڊ جي مامي محبوب علي لنڊ، والد شفيع محمد، شهمير

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

روهڙي ڪئنال ۾ ڪرپشن جا الزام، پوڇڙي علائقن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ

آبپاشي منصوبن جا فنڊ غلط استعمال ٿيڻ جا انڪشاف، ڪم اڌورا رهڻ جون شڪايتون

پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ سبب آبادگارن کي وڏو نقصان، زرعي پيداوار متاثر

شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو، بحران وڌڻ جو خدشو

مسوير گهڙي (ن ع) آبپاشي منصوبن ۾ ڪرپشن سبب پاڻي جي شديد کوٽ، پوڇڙي علائقن تائين فراهمي متاثر تفصيل موجب: روهڙي ڪئنال ۾ آبپاشي منصوبن لاءِ جاري ڪيل فنڊن جي غلط استعمال جا الزام سامهون اچي رهيا آهن انهن بي ضابطگين سبب نه رڳو منصوبن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ جوابدار معصوم ٽينگر کي ڳلي ۾ چاقو هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

عنايت ڳوٺ واسي 7 ورهين جي عبدالرحيم ٻرڙو کي وارث اسپتال کڻائي آيا

ٽينگر کي پاڙيسري چاقن جا وار ڪري زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

پنوعاقل (ن ع) پني عاقل لڳ ڳلي ۾ چاقو هڻي ٽينگر زخمي عنايت ڳوٺ ۾ 7 ورهين جو عبدالرحيم ٻرڙو چاقن جا وار ڪري زخمي اسانجو ٽينگر پاڙي جي گهر مان زخمي حالت ۾ مليو آهي جوابدارن ڪمري ۾ بند ڪري ٽينگر کي ڳلي ۾ چاقو هنيو آهي، وارث ٽينگر کي طبي چڪاس لاءِ ليٽر

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٽينگر واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

لقمان محلي واسي 12 ورهين جو شان ميگهواڙ فيض واهه ۾ ٻڏي ويو

اطلاع تي علائقي واسين ٽينگر جو لاش واهه مان ڪڍي گهر آندو ته ڪهرام مچي ويو

خيرپور (ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لقمان محلي جو رهواسي 12 ورهين جو ٽينگر شان ميگهواڙ فيض واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو ٽينگر گرمي سبب واهه ۾ وهنجڻ لاءِ ويو هو ته اوچتو پاڻي جي تيز وهڪري ۾ ڪوڏائي سبب پير ترڪي وڃڻ ڪري هو ٻڏي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي علائقي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد کان ڄامشورو پڙهڻ لاءِ نڪتل شاگرد جو پتو نه پيو، وارثن جو احتجاج

شاگرد مبشر لغاري جي وارثن حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

3 ڏينهن اڳ يونيورسٽي پڙهڻ لاءِ نڪتل پٽ مبشر لغاري پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي: امڙ

حيدرآباد، ڄامشورو جا ٿاڻا ۽ اسپتالون گولڻ باوجود پٽ جو ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) 3 ڏينهن اڳ حيدرآباد کان سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پڙهڻ لاءِ نڪتل شاگرد جو پتو پئجي نه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

عالمي منڊي ۾ تيل قيمتن ۾ اضافي بعد حڪومت مجبور ٿي اهڙو فيصلو ڪيو: کيئل داس

وزيراعظم 130 ارب روپين جي سبسڊي ڏني آهي، پاڙيسري ملڪن ۾ پيٽرول پمپن تي قطارون لڳل هيون

پاڪستان ٻنهي ملڪن ۾ وچ ۾ جنگبندي ڪرائي دنيا جي معيشت کي بچايو آهي جنهن جو سهرو وزيراعظم ۽ جنرل عاصم منير تي وڃي

پ پ ۽ (ن) وچ ۾ ڪي به اختلاف ناهن ڪيترائي اجلاس صدر جي ميزباني هيٺ ٿي چڪا آهن اسين سڀ هڪ پيج تي آهيون

جيڪب آباد (ڊ ر) وفاقي مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني چيو آهي ته تيل جي قيمتن ۾ واڌ حڪومت کي پسند نه هئي عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي ڪان پوءِ حڪومتي مجبور ٿي اهڙو فيصلو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5



جيڪب آباد: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائيندي

حيدرآباد ۾ ڪنوار سميت 4 نياڻيون 3 ڏينهن کان لاپتا، وارثن جو احتجاج

شادي جي خريداري لاءِ نڪتل نياڻيون واپس نه پهتيون، نسيم نگر ٿاڻي تي رپورٽ داخل

ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان نوٽيس وٺي نياڻين جي جلد بازيابي جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ شادي جي خريداري لاءِ گهران نڪتل ڪنوار ۽ 4 ورهين جي ٻارڙي سوڌو 4 نياڻيون 3 ڏينهن کان پراسرار لاپتا، پوليس تحرڪ نه ورتو. احتجاج. حيدرآباد جي نسيم نگر ٿاڻي جي حد ڳوٺ هيرو پالاري مان 3 ڏينهن اڳ شادي جو سامان وٺڻ لاءِ گهران نڪتل هڪ ڌي ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: نياڻين جي بازيابي لاءِ عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

عثمان شاهه هڱڙي: ڏاسوڙي پوليس ڪارروائي، سون هٿ، سون چوري جو مک جوابدار گرفتار

عثمان شاهه هڱڙي (ت ر) ڏاسوڙي پوليس جي ڪارروائي سون چوري جو مک جوابدار گرفتار سون هٿ ڪيس داخل ڏاسوڙي ٿاڻي جي ايس ايڇ او طفيل جلالاڻي عمرساند

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد مير اعجاز جکراڻي سان پٽ جي وفات تي مسلم ليگ (ن) جي اعليٰ قيادت جي تعزيت

حمزه شهباز شريف، اعظم نذير تارڙ، کيئل داس ڪوهستاني، سورٺ ٿيٻو، طارق فضل چوڌري، شاهه محمد شاهه، راجا انصاري، خالد شيخ تعزيت ڪئي

شهلا رضا، فياض ٻٽ، سردار امير بخش ڀٽو ۽ ٻين جکراڻي هائوس پهچي مير اعجاز جکراڻي سان تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو

جيڪب آباد (ڊ ر) پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس پٽ مرحوم مير زيد خان جکراڻي جي وڇوڙي تي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي ريلي

عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مزدور يونين طرفان ريلي ڪڍي وئي

ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۾ مزدورن جا وڏا مسئلا آهن: طارق خان ٻاجڪاڻي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ ۾ شڪاگو جي شهيدن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مزدور يونين جي مرڪزي صدر مير طارق خان ٻاجڪاڻي، آفتاب علي ٻاجڪاڻي ڏاڏر خان جکراڻي، شمن علي ٻاجڪاڻي مختيار احمد سبزوئي ۽ ٻين ڪارڪنن جي اڳواڻي ۾ اناج منڊي کان گهنٽا گهر تائين ريلي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهه ۾ نوڪرين جا آرڊر نه ملڻ خلاف پ پ ورڪرن جو احتجاج

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) پيپلز پارٽي سان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه واسڻ جو ڊيڊر سان ڳالهه بااثر خلاف احتجاج

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڳوٺ لعل بخش

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه لڳ ٻه معصوم ٻار مڇيءَ جي تلاءَ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت، گهرن ۾ ڪهرام

بلاول ڪالوني واسي 8 ورهين جو ڪمراڻ ولد مرتضيٰ پيل ۽ 10 ورهين جو عارف ولد پناه پيل ٻڏي ويا

ٻُولا بعد علائقي واسين ٻارن کي بيهوشي حالت ۾ اسپتال آندو ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

لکي غلام شاهه (رپورٽ عبدالرزاق مهر) بلاول ڪالوني جا رهواسي 8 ورهين جو ڪمراڻ ولد مرتضيٰ پيل ۽ 10 ورهين جو عارف ولد پناه پيل صبح سوير گهران نڪتا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5



لکي غلام شاهه مڇي جي تلاءَ ۾ وهنجندي فوت ٿيل ٻارڙن جا فائيل فوٽو

خيرپور مان 12 ڪلاس جي شاگرديائي کي مبينا اغوا ڪرڻ جي ڪوشش،

نارائي ڍڪڻ محلا واسي محمد اسحاق سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

خيرپور (ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد نارائي ڍڪڻ محلا جي رهواسي محمد اسحاق سومرو محمد علي شير علي عبدالستار

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي پرائيويٽ ۾ ٽينگري فوت، وارثن جو ڊاڪٽرن تي غفلت جو الزام

ڇهين ڪلاس جي شاگرديائي مريم ٻيبي کي پيٽ ۾ سور سبب اسپتال آندو ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان درگاهه پير عبدالقادر شاهه جيلاني المعروف چوڏهن ڦبن واري جي گادي نشين گهراڻي جي 13 سال

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ضلع ڪائونسل ۽ ايم سي طرفان گرمي کي نظر ۾ رکندي ٿڌي پاڻي جون ڪئمپون ۽ شربت جا اسٽال لڳايا ويا

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ضلع ڪائونسل ۽ ميونسپل ڪميٽي طرفان شهر ۽ ٻهراڙي جي مختلف علائقن ۾ شديد گرمي کي نظر ۾ رکندي ٿڌي پاڻي جون ڪئمپون ۽ شربت جا اسٽال لڳايا ويا مختلف ٽائون ڪميٽيز طرفان ڪوم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



جامشورو: گم ٿيلن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي



سورو: شاگردن پاران ماروي لغاري جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوري آباد ويجهو ڪار ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، 3 ڄڻا زخمي

تاج پمپ سامهون پيش آيل حادثي ۾ محمد نذير سميت 4 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي نذير زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ايم نائن موٽروي تي 81 SB وٽ تاج پمپ سامهون خوفناڪ روڊ حادثو پيش آيو جنهن ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ٽي زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب ڪار نمبر BDX-731، جيڪا سرگودها کان ڪراچي طرف وڃي رهي هئي ۽ علي حسن هلائي رهيو هو اوچتو اڳيان ويندڙ ٽريلر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سڄاول پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، ڪيترائي جوابدار گرفتار

سڄاول (ڊ ر) ضلعي سڄاول پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون دوران

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5



لکي غلام شاهه: هاري جدوجهد ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

هنگورجا ۾ ڳوٺاڻن حملي آور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ فتح محمد مري جي رهواسين علي خان مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

هنگورجا (ن ع) خانواهڻ جي ڳوٺ فتح محمد مري جي رهواسين علي خان مري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي لڳ چيچ ڪٽي ويندڙ بس جي ڇت تي ويٺل 3 ڄڻا بجلي تار ۾ وڃڻ سبب زخمي

لاڙڪاڻو/بيورو رپورٽ لاڙڪاڻي ويجهو رتوڪوٽ شهر ۾ بجلي جي هاءِ وولٽيج تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب چيچ ڪٽي ويندڙ بس جي ڇت تي ويٺل ڳوٺ ڏلي جان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بااثرن پاران زخمي پورهيت نوجوان اسپتال ۾ فوت، وارثن جو لاش رکي ڌرڻو

ڦل روڊ واري علائقي واسي اطهر پٽي کي پگهار معاملي تان سخت تشدد ڪري ڪيس زخمي ڪيو

نوجوان کي اسپتال داخل ڪرايو جتي 15 ڏينهن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

وارثن نوجوان جو لاش کڻائي ايس ايس پي چوڪ تي رکي جوابدارن جي گرفتاري ۽ انصاف لاءِ ڌرڻو هنيو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي شهر جي ڦل روڊ واري علائقي جي رهواسين طرفان مبينا طور تشدد بعد قتل ڪيل پورهيت نوجوان جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف شهر جي ايس ايس پي چوڪ تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

والدین اور طلبہ توجہ فرمائیں

داخلہ لینے سے پہلے ہائر ایجوکیشن کمیشن (HEC) کی ویب سائٹ کے ذریعے ڈگری ایوارڈنگ اداروں (DAIs) کی حیثیت ضرور چیک کریں۔ غیر منظور شدہ اداروں/کیمپسز سے حاصل کردہ ڈگریاں HEC کے نزدیک قابلِ قبول نہیں ہوں گی۔

عوامی مفاد اور آنے والے داخلے کے سیزن کے پیشِ نظر رکھتے ہوئے طلبہ اور والدین کو ہدایت کی جاتی ہے کہ داخلہ لینے سے پہلے متعلقہ یونیورسٹی/ادارے یا اس کے کیمپس کی قانونی حیثیت کی تصدیق درج ذیل ویب لنکس کے ذریعے کریں:

تسلیم شدہ جامعات/اداروں کی فہرست
https://www.hec.gov.pk/english/universities/pages/recognised.aspx

سرکاری و نجی شعبے کے تسلیم شدہ کیمپسز کی فہرست
https://www.hec.gov.pk/english/universities/Pages/DAIs/HEC-recognized-Campuses.aspx

پاکستان میں تسلیم شدہ بین الاقوامی تعلیمی اداروں کی فہرست
https://www.hec.gov.pk/english/universities/Pages/Foreign-Collaboration-Institutions.aspx

غیر قانونی/جعلی اداروں کی فہرست
https://www.hec.gov.pk/english/universities/Pages/Illegal-Fake-HEIs-DAIs.aspx

طلبہ کو ہدایت کی جاتی ہے کہ وہ ایسے اداروں میں ہرگز داخلہ نہ لیں جو HEC کی ویب سائٹ پر تسلیم شدہ جامعات/اداروں/کیمپسز کی فہرست میں شامل نہیں ہیں۔ غیر منظور شدہ اداروں/کیمپسز سے حاصل کردہ ڈگریاں HEC سے تسلیم شدہ نہیں ہوں گی۔

اہم معلومات:

- HEC پاکستان میں سرکاری اور نجی شعبے کی چارٹرڈ جامعات/اداروں اور ان کے منظور شدہ کیمپسز کی ڈگریوں کو تسلیم کرتا ہے۔ کسی بھی ڈگری ایوارڈنگ ادارے کو اجازت مخصوص مقام تک محدود ہوتی ہے۔ HEC کی منظوری کے بغیر قائم کیا گیا کوئی بھی ذیلی کیمپس، برانچ یا یونٹ، جو HEC کی ویب سائٹ پر درج نہ ہو، غیر منظور شدہ تصور ہوگا، اور ایسے مقامات سے حاصل کردہ ڈگریاں قابلِ قبول نہیں ہوں گی۔
- وہ تمام جامعات/ادارے جو HEC کی ویب سائٹ پر موجود تسلیم شدہ فہرست میں شامل نہیں ہیں، انہیں بھی غیر منظور شدہ اور غیر قانونی طور پر کام کرنے والا تصور کیا جائے گا۔
- طلبہ اور والدین کو یہ بھی متنبہ کیا جاتا ہے کہ وہ ان جامعات/اداروں میں داخلہ نہ لیں جہاں مختلف بے ضابطگیوں کی بنا پر داخلوں پر پابندی عائد ہے، جیسا کہ HEC کی ویب سائٹ پر درج ہے۔

ہائر ایجوکیشن کمیشن
سیکٹر H-9، اسلام آباد، پاکستان

PID(I)8823-D/25

www.hec.gov.pk HECPakistan2002 hecpkofficial hec_pk HECPakistan2002

SUKKUR IBA UNIVERSITY

Last Date for Applying is June 05, 2026

Sukkur IBA University invites applications from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following positions:

Career Opportunities

1. Director - QEC (Contract/Regular) BPS-20 — Age Limit: 33-50 Years
Minimum Qualification: Ph.D. degree in Quality Assurance, Educational Management, Business Administration or any other relevant qualification from HEC recognized University/Institution.
Experience: PhD Degree with 10 years experience of Teaching / Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above in University / HEI administration.

2. Director - ORIC (Contract/Regular) BPS-20 — Age Limit: 33-50 Years
Minimum Qualification: Ph.D. degree from HEC recognized University/Institution.
Experience: PhD Degree with 10 years experience of Teaching / Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above in University / HEI administration.

3. Provost (Contract/Regular) BPS-19 — Age Limit: 33-50 Years
Minimum Qualification: 16 Years of Education from HEC recognized University/Institution.
Experience: 12 years experience of Administrations in BPS-17 (or similar role in corporate sector) or above in University or HEI administration.

4. Assistant Registrar - Admin (Contract/Regular) BPS-17 — Age Limit: 24-35 Years
Minimum Qualification: 16 Years of Education in Human Resource Management / Public Administration or any other relevant qualification from HEC Recognized Institute / University.
Experience: Minimum 3 years relevant experience.

5. Medical Officer - Male (Contract/Regular) BPS-17 — Age Limit: 24-35 Years
Minimum Qualification: MBBS or Equivalent Qualification recognized by the PMDC.
Experience: Minimum 3 years relevant experience.

6. General Physician - Female (Contract/Regular) BPS-17 — Age Limit: 24-35 Years
Minimum Qualification: MBBS or Equivalent Qualification recognized by the PMDC.
Experience: Minimum 3 years relevant experience.

7. Accounts Officer (Contract/Regular) BPS-17 — Age Limit: 24-35 Years
Minimum Qualification: 16 Years of Education Finance/BS/BBA/M.Com/MBA Finance & Accounting/ ACCA / ICMA or any other relevant qualification from HEC Recognized University.
Experience: Minimum 3 years relevant experience.

8. Assistant Accounts Officer (Contract/Regular) BPS-16 — Age Limit: 21-28 Years
Minimum Qualification: 14 years of education in Finance / A&F / Accounting / Commerce from HEC recognized University.
Experience: Minimum 2 years relevant experience.

GUIDELINES TO APPLY

1. Interested candidates may submit online applications at http://apply.iba-suk.edu.pk
2. Candidates shall be required to submit a non-refundable challan fee of Rs. 1,500 for positions in BPS-16 and below Rs. 3,000 for positions in BPS-17 and BPS-18 and Rs. 4,000 for positions in BPS-19 and above can be deposited in any branch of ABL Bank.
3. Candidates are required to upload their HEC attested degrees / Equivalence certificate issued by HEC, CNIC, domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph, and the deposited challan while applying online.
4. Candidates who are already serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channels with NOC from their employer and should submit the same along with the application.
5. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
6. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
7. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Written Test/Interview at the mailing address. No TA/DA shall be admissible for Written Test/Interview.
8. The Competent Authority reserves the right to increase or decrease the number of position and accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.

HRM SECTION, SUKKUR IBA UNIVERSITY - MAIN CAMPUS
NISAR AHMED SIDDIQUI ROAD, SUKKUR. PH: 071-5644000, 5644122

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.